جمادی الاُخریٰ 1444ھ / جنوری 2023ء

# ماہوار فیضانِ مدینہ

دعوتِ اسلامی



ویب ایڈیشن

مفتي محمد قاسم عطاري

# مردِ مومن

الله پاڪ فرمائي ٿو:

وَ قَالَ رَجُلٌ مُّؤْمِنٌ ۖۗ مِّنْ اٰلِ فِرْعَوْنَ یَكْتُمُ اِیْمَانَهٗۤ اَتَقْتُلُوْنَ رَجُلًا اَنْ یَّقُوْلَ رَبِّیَ اللّٰهُ وَ قَدْ جَآءَكُمْ بِالْبَیِّنٰتِ مِنْ رَّبِّكُمْؕ وَ اِنْ یَّكُ كَاذِبًا فَعَلَیْهِ كَذِبُهٗۚ وَ اِنْ یَّكُ صَادِقًا یُّصِبْكُمْ بَعْضُ الَّذِیْ یَعِدُكُمْؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا یَهْدِیْ مَنْ هُوَ مُسْرِفٌ كَذَّابٌ ﴿۲۸﴾

**ترجمو ڪنزالعرفان:** ۽ فرعون وارن مان هڪ مسلمان مرد چيو جيڪو پنهنجي ايمان کي لڪائيندو هو چا توهان هڪ مرد کي ان ڪري قتل ڪرڻ چاهيو ٿا جو اهو چئي ٿو تہ منهنجو رب الله آهي ۽ بيشڪ اهو توهان وٽ توهان جي رب جي طرف کان روشن نشانيون کڻي آيو آهي ۽ بالفرض جيڪڏهن هو غلط چئي ٿو تہ سندس غلط ڳالهائڻ جو وبال ان تي ئي آهي ۽ جيڪڏهن اهو سچو آهي تہ جنهن عذاب جي توهان کي وعيد ٻڌائي رهيو آهي ان جو ڪجهه حصو توهان کي پهچي ويندو. بيشڪ الله انهن کي هدايت ناهي ڏيندو جيڪو حد کان لنگهندڙ، وڏو ڪوڙو هجي.

(سيپارو: 24، سورت مومن: آيت: 28)

**تفسير:**

هن آيت ۾ آلِ فرعون جي مومن جو ذڪر ٿيو، ان جي باري ۾ مفسرين جو هڪ قول هي آهي تہ هي مومن فرعون جو سؤٽ هو ۽ حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام تي ايمان آڻي چڪو هو پر پنهنجو ايمان فرعون ۽ ان جي قوم کان لڪائيندو هو ڇوتہ ان کي پنهنجي جان جو خطرو هو ۽ هيءُ اهو ئي شخص هو جنهن حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام سان گڏ نجات حاصل ڪئي هئي ۽ هڪ قول هي آهي تہ اهو شخص اسرائيلي هو جنهن پنهنجو ايمان فرعون ۽ سندس قوم کان لڪائي رکيو هو. امام ابنِ جرير طبري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پهرين قول کي راجح قرار ڏنو آهي.

(طبری، غافر، تحت الآية: 28، 11/ 54)



## آيت ۾ بيان ڪيل واقعي جو پسِ منظر

آيت ۾ بيان ڪيل مردِ مومن جي ايمان اَفروز ۽ وڏي همت واري ڪلام جو سياق ۽ سباق هي آهي ته جڏهن حضرت موسٰي عَلَيهِ السَّلام الله پاڪ جي طرف کان معجزن سان فرعون وٽ آيا ۽ کيس اسلام جي دعوت ڏني ته فرعون ۽ ان جي ساٿين چيو ته موسٰي (عَلَيهِ السَّلام) ته جادوگر آهي ۽ نهايت ئي ڪوڙو آهي. پوءِ انهن ڪاوڙ ۾ اچي ڪري هي فرعوني حڪم جاري ڪيو ته موسٰي تي ايمان آڻڻ وارن جي پٽن کي قتل ڪري ڇڏيو ۽ انهن جي عورتن کي زنده ڇڏي ڏيو ۽ خود حضرت موسٰي عَلَيهِ السَّلام جي متعلق فرعون ڪاوڙ ۾ چيو ته مون کي ڇڏي ڏيو ته جيئن مان موسٰي کي قتل ڪري ڇڏيان ۽ اهو گهرائي پنهنجي ربّ کي. معاذَ الله. فرعون پنهنجي هن سموري ڪاروائي تي ماڻهن جي سامهون هي سياسي انداز اختيار ڪيو ته اي انسانو! مون کي ڊپ آهي ته موسٰي يا ته توهان جو دين بدلائي ڇڏيندو يا وري ملڪ ۾ فساد پکيڙيندو. اهي ڳالهيون ٻڌي ڪري حضرت موسٰي عَلَيهِ السَّلام الله پاڪ جي بارگاه ۾ عرض ڪيو ته مان اهڙي هر متڪبر ۽ قيامت جي انڪاري جي مقابلي ۾ ربّ جي پناه گهران ٿو.

جڏهن حضرت موسٰي عَلَيهِ السَّلام الله پاڪ کان پناه گهري ۽ ان جي فضل ۽ رحمت تي ڀروسو ڪيو ته الله پاڪ ان فتني کي ٽٽو ڪرڻ جي لاءِ حضرت موسٰي عَلَيهِ السَّلام جي حمايت ۾ هڪ اڻ ڄاتل شخص کي بيهاري ڇڏيو، جيڪو حضرت موسٰي عَلَيهِ السَّلام تي ايمان ته رکندو هو پر ماڻهن کان پنهنجو ايمان لڪائيندو هو. ان مردِ مومن ماڻهن کي چيو ته ڇا توهان هڪ شخص کي بنا دليل جي صرف ان ڪري قتل ڪرڻ چاهيو ٿا جو اهو چئي ٿو منهنجو ربّ الله آهي، جڏهن ته حقيقت هيءَ آهي ته هو (يعني حضرت موسٰي عَلَيهِ السَّلام ان دعوٰي تي توهان وٽ توهان جي حقيقي ربّ جي طرف کان اهڙا روشن معجزا به کڻي آيو آهي جن جو توهان مشاهدو به ڪري چڪا آهيو ۽ هنن سان انهن جي صداقت ظاهر ۽ انهن جي نبوت ثابت ٿي وئي آهي ۽ حق ثابت ٿيڻ جي باوجود انهن جي مخالفت ڪرڻ ۽ اها به ايتري جو انهن کي قتل ڪيو وڃي ڪهڙيءَ صورت ۾ به درست ناهي. ويتر سمجهائڻ جي لاءِ مردِ مومن ماڻهن کي انهن جي سمجهه جي مطابق ڪلام ڪندي فرمايو ته "جيڪڏهن هو ڪوڙو آهي ته ان کي قتل ڪرڻ جي ضرورت ئي ناهي ڇوته اهڙي وڏي معاملي ۾ ڪوڙ ڳالهائي ڪري ان جي وبال کان بچي نه ٿو سگهي بلڪ (پاڻ ئي) هلاڪ ٿي ويندو ۽ جيڪڏهن اهو سچو آهي (جيڪو حقيقت ۾ يقيناً آهي) ته جنهن عذاب کان هو توهان کي ڊيڄاري

رهيو آهي ان جو انڪار ڪرڻ جي ڪري يقيني طور ڪجهه عذاب توهان کي پهچي ئي ويندو، تہ اهڙي صورت ۾ جيڪڏهن توهان انهن کي قتل ڪندؤ تہ ان کان بہ وڏي مصيبت ۽ سزا ۽ عذاب پنهنجي مٿان آڻيندؤ“، مطلب تہ، انهن جو ڪوڙو هجڻ جي صورت ۾ ڪيس قتل ڪرڻ اجايو آهي ۽ سچو هجڻ جي صورت ۾ توهان جو پنهنجو نقصان ئي نقصان آهي ۽ هونئن بہ جيڪو حد کان وڌندڙ هجي ۽ ايڏو وڏو ڪوڙو هجي جو الله پاڪ تي ڪوڙ هڻي تہ الله ان کي هدايت ناهي ڏيندو (تہ ان اعتبار سان بہ جيڪڏهن هو ڪوڙو ٿيو تہ رسوا ٿي ويندو، لهٰذا هر صورت ۾ توهان جي بهتري انهيءَ ۾ آهي تہ ان کي قتل نہ ڪيو.) (مدارک، غافر، تحت الآية:28، ص1057-ابن ڪثير،غافر، تحت الآية:28، 7/126تا 128، ملتقطاً)

## حضرت ابوبکر صديق رَضِیَ اللہُ عَنْہ آلِ فرعون جي مومن کان بهتر آهن

هتي آلِ فرعون جي مومن جو ذڪر ٿيو انهيءَ ضمن ۾ حضرت ابوبکر صديق رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي فضيلت ٻڌندا تہ هڪ پيري حضرت عليُ المُرتضيٰ رَضِیَ اللہُ عَنْہ فرمايو: اي انسانو! مون کي ان شخص جي باري ۾ ٻڌايو جيڪو ماڻهن مان سيني کان وڌيڪ بهادر آهي. ماڻهن عرض ڪيو: اي اميرُ المؤمنين! اوهان (سيني کان وڌيڪ بهادر آهيو). پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہ فرمايو: نہ (مان اهڙو ناهيان). ماڻهن پڇيو: پوءِ ڪير آهي؟ پاڻ فرمايائون: حضرت ابوبکر رَضِیَ اللہُ عَنْہ چوتہ مون ڏٺو تہ رسولُ الله صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي قريش وارن پڪڙي رکيو هو. انهن مان هڪڙو ٻئي کي (نبي پاڪ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي ايذا ڏيڻ تي) اياري رهيو هو ۽ ٻيو اڳتي ڪنهن ٽئين کي ڀڙڪائي رهيو هو. قريش پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي چئي رهيا هئا تہ تون اهو ئي آهين جنهن تمام معبودن کي هڪ ٻڌائي ڇڏيو آهي. (حضرت علي رَضِیَ اللہُ عَنْہ فرمايو تہ) الله پاڪ جو قسم! (خوف ۽ دهشت جي) ان وقت اسان مان ڪو بہ مدد جي لاءِ پاڻ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي طرف نہ وَڌيو پر حضرت ابوبکر صديق رَضِیَ اللہُ عَنْہ اڳتي وڌي ڪري محبوب ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ويجهو ٿيا ۽ پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہ ڪنهن کي ماريندا ۽ ڪنهن کان مقابلو ڪندي چوندا هئا: توهان برباد ٿي وڃو، ڇا توهان هڪ شخص کي ان ڪري قتل ڪري رهيا آهيو جو اهو چئي ٿو تہ ”منهنجو ربّ الله پاڪ آهي“.

هي فرمائڻ کان بعد حضرت عليُ المُرتضيٰ رَضِیَ اللہُ عَنْہ اها چادر ڪنئي جيڪا پاڻ جسم تي ويڙهي رکي هئي ۽ ايترو رُنا جو سندن ڏاڙهي آلي ٿي وئي. پوءِ فرمايائون: مان توهان کي الله پاڪ جو قسم ڏئي ڪري چوان ٿو، ڇا آلِ فرعون جو مومن بهتر آهي يا ابوبکر صديق رَضِیَ اللہُ عَنْہ قومِ فرعون جي مومن کان بهتر آهي؟ (مراد هي آهي تہ يقيناً ابوبکر ئي بهتر آهي

چوٿ) آلِ فرعون جو مومن پنهنجي ايمان کي لڪائيندو هو ۽ حضرت ابوبڪر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ پنهنجي ايمان جو اعلان ڪندو هو.

( مسند البزار، 14/3، حديث:761ملتقطاً)

آئین جوانمردی، حق گوئی و بے باکی
اللہ کے شیروں کو آتی نہیں روباہی

## سبق:

(1) اهلِ حق خدا جي ٻانهن تي هميشہ اهڙا حالات ايندا رهندا آهن جو انهن کي بادشاهن ۽ طاقتورن جي ظلمن کي منهن ڏيڻو پوندو آهي.

(2) مردِ مومن ڪجهہ وقت جي لاءِ تہ ايمان لڪائي سگهي ٿو پر هي نہ ٿو ٿي سگهي تہ وڏن وڏن موقعن تي بہ اهو ايمان ۽ حق ڳالهہ لڪائي وينو هجي.

(3) الله پاڪ حد کان وڌندڙن، منڪرن ۽ ڪوڙن سيني تائين حق جي ڳالهہ پهچائيندو آهي پر حق قبول ڪرڻ تي مجبور ناهي ڪندو جو اهڙو ايمان زبردستي ۽ قهر سان نہ بلڪ پنهنجي مرضي سان آڻڻ مطلوب آهي.

(4) پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہ عَلَيْهِ واٰلِہٖ وَسَلَّم ۽ سندن اتباع ڪندڙن جي تائيد ۽ حمايت جي لاءِ اٿي بيهڻ ۽ ان ۾ پنهنجي جان تائين جي پرواهہ نہ ڪرڻ خدا جي پسنديده ٻانهن جو وصف آهي.

(5) پنهنجي اقتدار کي باقي رکڻ جي لاءِ ڪوڙا نعرا ناهڻ ۽ ماڻهن کي باطل شيءِ بہ صحيح طريقي سان حق جي رنگ ۾ ڏيکارڻ هميشہ فرعونين جو طريقو رهيو آهي، حضرت موسٰي عَلَيْهِ السَّلام جن الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ عرض ڪيو تہ مان اهڙي هر متڪبر ۽ قيامت جي منڪر جي مقابلي ۾ ربّ جي پناهہ گهران ٿو.

(6) طاقتور ظالم ۽ غاصب جي مقابلي ۾ حقيقي مدد ۽ پناهہ جبار ۽ قهار خدا جي بارگاهہ کان ئي طلب ڪئي وڃي جيئن حضرت موسٰي عَلَيْهِ السَّلام ڪيو.

(7) حق جي تائيد ۾ بازو جي زور کان پهريان دليل جي طاقت سان مخاطب کي قائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي.

(8) دلائل ڏيڻ ۾ ماڻهن جي عقل ۽ شعور ۽ مرتبي جو خيال رکي ڪري ڪلام ڪيو وڃي تہ جيئن حڪمت ۽ سٺي طريقي تي پوري طرح عمل ٿي سگهي.

(9) عبادت ۽ اخلاق، صداقت ۽ سخاوت، شفقت ۽ رقت بلند همتي ۽ بهادري ۽ شجاعت ۾ بہ ڪو شخص سيدنا صديقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي برابر نہ آهي.

(10) معيار ۽ مقدار ۽ سفر ۽ حضر ۾ هر طرح پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہ عَلَيْهِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جي سڀ کان وڌيڪ تائيد ۽ خدمت ۽ حمايت ۽ نصرت صديقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جن ڪئي.

(11) شيرِ خدا، سيدنا عليُ المُرتضٰي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ سان بي پناهہ محبت فرمائيندا هئا جو پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جو شان منبر تي ويهي ڪري بيان فرمايائون ۽ سندن ذڪر ڪري محبت ۾ روئي ڏنائون.



# اوصافِ صديقِ اڪبر

مولانا محمد علي رضا عطّاري مدني
(شعبہ فيضانِ حديث)

مسلمانن جا پهريان خليفا اميرُ المؤمنين حضرت صديقِ اڪبر رَضِیَ اللہُ عَنْہ جهالت ۽ بد تهذيبي واري دور ۾ بہ بُري اخلاق کان پاڪ هجڻ سان گڏوگڏ چڱين صفتن جا مالِڪ هئا. حديث پاڪ ۾ آهي: چڱيون خصلتون 360 آهن، الله پاڪ جڏهن ڪنهن ٻانهي سان ڀلائي جو ارادو فرمائيندو آهي تہ ان جي ذات ۾ هڪ خصلت پيدا فرمائي ڪري انهيءَ جي سبب ان کي جنّت ۾ داخل فرمائي ڇڏيندو آهي ابوبڪر ۾ اهي سيئي خصلتون موجود آهن. (1)

## صديقِ اڪبر جي صداقت

هر معاملي ۾ سچ ڳالهائڻ ۽ سچ جي تصديق ڪرڻ جي ڪري جاهليت واري زماني ۾ بہ ماڻهو ڪيس صديق چوندا هئا پر جڏهن پاڻ معراج واري واقعي جي تصديق ڪئي ۽ مشرڪين کي چيائون: جيڪڏهن حُضور نبي ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو آهي تہ يقيناً سچ فرمايو آهي ۽ مان ان ڳالهہ جي بنا جهڪ تصديق ڪريان ٿو. (ان واقعي کان بعد پاڻ صديق جي نالي سان مشهور ٿي ويا. (2) ۽ سندن هي نالو ”صديق“ آسمانن تان لاٿو ويو آهي.(3)

## صديقِ اڪبر جي غيرتِ ايماني

عام طور تي پاڻ نهايت ئي نرم دل ۽ نرم مزاج هئا، پر اسلامي احڪامن جي معاملي ۾ نهايت غيرت مند ۽ سخت هئا، هڪ ڀيري يهودين جي عالم سندن سامهون قرآن ڪريم جي آيت جو مذاق اڏايو تہ پاڻ ان کي چماٽ وهائي ڪڍي ۽ فرمايائون: اي خدا جا دشمن! جيڪڏهن مسلمانن ۽ يهودين ۾ معاهدو نہ هجي ها تہ مان تنهنجو ڪنڌ لاهي ڇڏيان ها. (4)

## صديقِ اڪبر جي سخاوت

پاڻ هر اُن معاملي ۾ پنهنجو مال خرچ ڪيو جتي حضور جي چاهت هئي،

پاڻ رضی اللہ عنہ راهِ خدا ۾ چاليهه هزار درهم يا دينار خرچ ڪيا. (5) سندن سخاوت کي ته پاڻ رب ڪريم بيان فرمايو:

الَّذِیۡ یُؤۡتِیۡ مَالَهٗ یَتَزَکّٰی ﴿۱۸﴾ (6)

ترجمو ڪنزالعرفان: جيڪو پنهنجو مال ڏيئي ٿو ته جيئن ان کي پاڪيزگي ملي.

مفسر سڀني جو اجماع آهي ته هي آيت سڳوري سندن جي ئي حق ۾ نازل ٿي. (7) الله پاڪ جي رضا خاطر اهڙا ست غلام خريد ڪري آزاد ڪيائون جن کي راهِ خدا ۾ تمام گهڻيون تڪليفون ڏنيون وينديون هيون. (8) ۽ غزوه تبوڪ جي موقعي تي ته اهڙي بي مثال سخاوت ڪيائون جو پنهنجو سڄو مال حضور جي بارگاهه ۾ پيش ڪري ڇڏيائون. (9) خود حضور جي ذات تي سندن پنهنجو سڄو مال کلي دل سان خرچ ڪيائون ۽ هن ڳالهه کي پاڻ پياري آقا صلی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلم بيان فرمايو ته ”مون کي ڪنهن جي مال ايترو فائدو نه ڏنو جيترو ابوبڪر جي مال ڏنو“. (10)

## صديقِ اڪبر جي ذهانت

ذهانت تمام وڏي نعمت آهي ۽ هيءَ نعمت صديق اڪبر رضی اللہ عنہ جو هڪ عظيم وصف هو، غزوه بدر جي موقعي تي پاڻ رضی اللہ عنہ قيدين کي فديو وٺي ڇڏڻ جو مشورو ڏنو ۽ انهن قيدين مان ڪيترائي ماڻهو بعد ۾ ايمان کڻي آيا. (11) اهڙي طرح بظاهر مسلمانن جي خلاف نظر اچڻ واري صلح حديبيه جي معاهدي تي به دلي اطمينان جو اظهار فرمايائون ته هي مسلمانن ۾ قوت ۽ استحڪام پيدا ڪرڻ جو سبب بڻبو ۽ پوءِ سڀني مشاهدو ڪيو ته هي معاهدو هر طرح سان مسلمانن جي مفاد ۾ رهيو. (12)

## صديقِ اڪبر جي جرئت ۽ بهادري

پاڻ رضی اللہ عنہ اسلام جي سربلندي جي لاءِ هر طرح جي حالات ۾ ثابت قدم رهيا، هميشه جرئت ۽ بهادري جو مظاهرو ڪندي محبوبِ خدا تي پنهنجي جان نڇاور ڪئي، حضرت مولا علي مشڪل ڪشاء رضی اللہ عنہ غزوه بدر جو حال بيان ڪندي فرمائن ٿا: ڪافرن جي حملن کان حضوراڪرم صلی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلم جي حفاظت جي لاءِ اسان جيڪو تنبو لڳايو هو ان تي پهرو ڏيڻ جي لاءِ اسان مان صرف صديق اڪبر رضی اللہ عنہ ئي تلوار کڻي اڳتي وڌيا انڪري سڀني کان وڌيڪ بهادر صديقِ اڪبر رضی اللہ عنہ آهن. (13)

## صديقِ اڪبر جي تقويٰ

حضور اڪرم صلی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلم زهد ۽ تقويٰ ۾ ڪيس حضرت عيسيٰ جي مثل فرمايو. (14) سندن متقي هجڻ جي باري ۾ ايترو ئي ڪافي آهي ته رب ڪريم ڪيس سڀني کان وڌو پرهيزگار فرمايو، ارشاد ٿئي ٿو:

وَسَیُجَنَّبُهَا الۡاَتۡقَی ﴿۱۷﴾ (15)

(ترجمو کنزالعرفان: ۽ عنقريب سيني کان وڏي پرهيزگار کي ان باهہ کان پري رکيو ويندو.) سيني کان وڏي پرهيزگار مان مراد ابوبکر صديق آهن.(16)

نہایت متقی و پارسا صدیقِ اکبر ہیں
تقی ہیں بلکہ شاہ اتقیا صدیقِ اکبر ہیں

## صديق اڪبر جو خوفِ خدا:

پنهنجي سڄي زندگي دين جي خدمت ڪرڻ ۽ اطاعت خداوندي ۾ گذارڻ جي باوجود هميشہ خوفِ خدا سبب ڏڪندا هئا، ڪيس انبياء ۽ رسولن کان بعد سيني کان افضل هجڻ جو شرف عطا ٿيو پر پوءِ بہ الله پاڪ جي خفيہ تدبير ۽ آخرت جي معاملن کان خوفزده رهندا ۽ فرمائيندا هئا: منهنجي چاهت اها آهي تہ مان ڪنهن نيڪ مومن جي پهلو جو ڪو وار هجان ها. (17)

## صديق اڪبر جي قناعت

هڪ ڪامياب تاجر هجڻ ۽ مال ۽ دولت هجڻ جي باوجود نهايت قناعت پسند هئا، پنهنجي نفس کي قابو ڪرڻ جي لاءِ دنيا جي نعمتن ۽ آسائشن کان ڪنارو ڪندا هئا، پاڻ رضی اللہ عنہ فرمائن ٿا: مان جڏهن کان مسلمان ٿيو آهيان ڪڏهن پيٽ ڀري ناهي کاڌو تہ جيئن عبادت جي حلاوت (مناڻ) نصيب ٿئي. (18)

## صديق اڪبر محافظِ عقيده ختمِ نبوت

عقيده ختمِ نبوت دين جي ضروريات ۾ شامل آهي لهذا هن تي مضبوطيءَ سان قائم رهڻ ۽ هن جي حفاظت ڪرڻ هر مسلمان تي لازم آهي، حضرت صديق اڪبر رضی اللہ عنہ کي عقيده ختم نبوت جي حفاظت ڪرڻ وارو سيني کان پهريون خليفو ٿيڻ جو شرف مليو، خلافت جي منصب تي فائز ٿيڻ کان بعد پاڻ رضی اللہ عنہ ڪافرن ۽ مشرڪن جي خلاف جهاد ڪرڻ کان بہ پهريان ترجيحي بنياد تي نبوت جي ڪوڙي دعوٰي ڪرڻ واري خبيث مسيلمہ ڪذاب ۽ سندس ٻين مرتد ساٿين کي ماريو ۽ ان فتني کي پاڙان پٽي ڇڏيو(19) ۽ قيامت تائين اچڻ واري مسلمانن کي درس ڏنو تہ عقيدهءِ ختم نبوت جي حفاظت ڪرڻ انهن جي اولين ترجيح هجڻ گهرجي.

## صديق اڪبر جي عاجزي

پاڻ رضی اللہ عنہ سٺي مزاج وارا ۽ سادگي پسند هئا، خلافت جو تاج سجائڻ کان بعد بہ سندن رويّي ۾ ڪا بہ تبديلي نہ آئي، محلي جي ننڍين ٻارڙين جي دلجوئي جي لاءِ انهن کي ٻڪرين جو کير ڏوهي ڏيندا ۽ فرمائيندا هئا: "مون کي الله پاڪ جي ڪرم سان يقين آهي تہ توهان سان گڏ منهنجي رويّي ۾ ڪنهن قسم جي ڪا تبديلي نہ ايندي." (20) الله پاڪ اوهان جي صدقي ۾ اسان کي بہ سٺن اوصافن کان مزين فرمائي ۽ تمام برن اخلاقن سان بچڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِین بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صلی اللہ علیہ والہ وسلم

حضرت سيدنا صديق ابوبڪر رضی اللہ عنہ جي سيرت تي تفصيلي مطالعو ڪرڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جو ڪتاب"فيضانِ صديق اڪبر" پڙهو.



# وصالِ صديقي تي مولا علي جو خطبو



حافظ حفيظ الرحمن
عطاري مدني

كائنات جي سڀ كان سچي كتاب قرآنِ پاك ۾ اللہ پاك پنهنجي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صحابه جي باري ۾ ارشاد فرمايو:

”رُحَمَآءُ بَيْنَهُمْ“ ترجمو كنزالعرفان: پاڻ ۾ نرم دل آهن (سيپارو: 26، سورت فتح: آيت: 29)

صحابهءِ كرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم پاڻ ۾ اهڙا نرم دل ۽ هڪٻئي سان ايئن محبت ۽ مهرباني كرڻ وارا هئا جيئن هڪ پيءُ پنهنجي پُٽَ سان كندو آهي. (صراط الجنان،9/ 387) صحابهءِ كرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم جي مبارك زندگيءَ جا بيشمار اهڙا واقعا حديثن ۽ تاريخ جي كتابن ۾ پريا پيا آهن جن مان صحابه جي پاڻ ۾ محبت، همدردي، ٻين جو لحاظ ركڻ وارين خوبين جي خبر پوندي آهي.

اهڙي طرح صحابهءِ كرام جي اهلِ بيت سان ۽ اهلِ بيت جي صحابه سان محبت تي به كوڙ روايتون ۽ واقعاحديث جي كتابن ۽ سيرت جي كتابن ۾ موجود آهن جنهن جي هك ننڍي جهلك اسان كي مسلمانن جي پهرين خليفي جناب صديقِ اكبر رَضِيَ اللهُ عَنْه جي وصال جي موقعي تي به نظر اچي ٿي جڏهن سندن جو وصال ٿيو ته جتي ٻين صحابه سندن سان محبت جي كري نهايت گِهري ڏُکَ جو اظهار كيو اتي مسلمانن جي چوٿين خليفي حضرت مولا علي رَضِيَ اللهُ عَنْه جن هك تاريخي خطبو ڏنو جنهن ۾ جنابِ صديقِ اكبر رَضِيَ اللهُ عَنْه جن سان پنهنجي محبت ۽ الفت جو اظهار كيو. اچو! ان خطبي جا كجھ اهم نكات ملاحظه كيو:

حضرت سيدنا اُسيد بن صفوان رَضِيَ اللهُ عَنْه فرمائن ٿا: جڏهن حضرت سيدنا صديق اكبر رَضِيَ اللهُ عَنْه جو وصال ٿيو ته ماڻهن جي روج راڙي سان پورو مدينو ڏكي ويو، صحابهءِ كرام نبي پاك صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ظاهري وصال جي ڏينهن وانگر پريشان هئا. حضرت عليُ المُرتضٰي رَضِيَ اللهُ عَنْه اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّا اِلَيْهِ رَاجِعُوْن پڙهندي تشريف

ڪٽي آيا ۽ فرمايائون تہ اجوڪي ڏينهن نبيءِ آخرُ الزّمان ﷺ جا خليفا اسان وٽان رخصت ٿي ويا. پوءِ پاڻ رضی اللہ عنہ ان گهر جي دروازي تي جنهن جي اندر صديقِ اڪبر رضی اللہ عنہ جو جسم پاڪ رکيو ويو هو بيهي رهيا ۽ سندن اوصاف بيان ڪندي فرمائڻ لڳا:

## سيدنا عليُ المُرتضيٰ جو تاريخي خطبو

۞ اي صديقِ اڪبر رضی اللہ عنہ! الله پاڪ اوهان تي رحم فرمائي، اوهان رسولُ الله ﷺ جا بهترين رفيق، سُنا مُحب، راحت جو سبب، پروسي مند ۽ محبوبِ خدا ﷺ جا رازدار هئا، حُضور ﷺ اوهان سان مشورو ڪندا هئا.

۞ اوهان ماڻهن ۾ پهريان اسلام آڻڻ وارا، ايمان ۾ سڀ کان وڌيڪ اخلاص وارا، الله جي ذات تي پختو يقين رکڻ وارا، سڀ کان وڌيڪ الله پاڪ کان ڊڄڻ وارا، ماڻهن مان سڀ کان وڌيڪ سخي ۽ رسولُ الله ﷺ جا سڀ کان وڏا محافظ هئا.

۞ اوهان جي صحبت سڀ کان چڱي ۽ مرتبو سڀ کان بلند هو، اوهان جي خير خواهي جو انداز، دين جي دعوت جو طريقو، شفقتون ۽ عطائون رسولُ الله ﷺ جي مشابہ هيون، اوهان رسولُ الله ﷺ جا نهايت خدمت گذار هئا. الله پاڪ اوهان کي پنهنجي رسولُ الله ﷺ ۽ اسلام جي خدمت جي بهترين جزاء عطا فرمائي.

۞ جنهن وقت ماڻهن رسولُ الله ﷺ کي ڪوڙو چيو تہ اوهان رسولُ الله جي تصديق ڪئي، حضور جي هر فرمان کي حق ۽ سچ مڃيو ۽ هر معاملي ۾ سندن تصديق ڪئي (جنهن جي سبب) الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ اوهان کي صديق جي لقب سان نوازيو (۽ فرمايو):

وَالَّذِیۡ جَآءَ بِالصِّدۡقِ وَصَدَّقَ بِہٖۤ

ترجمو ڪنز العرفان: ۽ جيڪو هي سچ کڻي تشريف وٺي آيو ۽ جنهن هن جي تصديق ڪئي. (سيپارو: 24، سورت زمر: آيت: 33)

۞ اوهان کي ثَانِیَ اثۡنَیۡنِ جو لقب مليو، اوهان يارِ غار آهيو، الله پاڪ اوهان تي اطمينان نازل فرمايو، اوهان نبي پاڪ ﷺ سان گڏ هجرت ڪئي، اوهان رسولُ الله ﷺ جا خليفا في الدين هئا، اوهان خلافت جو حق ادا ڪيو، اوهان مُرتدن کان جهاد ڪيو، حضور ﷺ جي ظاهري وصال کان بعد ماڻهن جي لاءِ سهارو بڻيا، جڏهن ماڻهن ۾ اُداسي ۽ مايوسي پکڙجڻ لڳي تہ ان وقت بہ اوهان جا حوصلہ بلند رهيا.

۞ (ڪافرن جي ظلم ۽ ستم جي سبب) جڏهن ماڻهن پنهنجي اسلام کي

لڪايو تہ اوهان پنهنجي ايمان جو اظهار ڪيو.

۞ اوهان پاڻ ڪريمن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي طريقي جي اتباع ڪئي، منافق ۽ ڪافرَ اوهان جي حوصلن کي جهڪائي نہ سگهيا، اوهان ڪافرن کي ذليل ڪيو، باغين تي خوب شدّت ڪئي، اوهان ڪافرن ۽ منافقن جي لاءِ غصي جو پهاڙ هئا.

۞ ماڻهن کان ديني ڪمن ۾ سُستي ٿي پر اوهان خوشيءَ سان دين تي عمل ڪيو. ماڻهن حق ڳالهہ کان خاموشي اختيار ڪئي پر اوهان سري عام حق جو ڪلمو چيو، جڏهن ماڻهو اونداهين ۾ ڀٽڪڻ لڳا تہ اوهان جي ذات انهن جي لاءِ نور جو ڪرڻو ثابت ٿي.

۞ اوهان سچا، خاموش طبيعت، عقلمند، چڱي راءِ جا مالڪ، بهادر ۽ سڀ کان وڏيڪ پاڪيزه خصلت هئا.

۞ اوهان ماڻهن تي شفيق پيءُ جيان شفقتون فرمايون، جنهن وزن کان ماڻهو ٿڪجي ڪري پريشان ٿي ويا هئا اوهان انهن کي سهارو ڏيندي وزن پنهنجي ڪلهن تي کنيو.

۞ جڏهن ماڻهن بي پرواهي جو مظاهرو ڪيو اوهان قوم جي واڳ سنڀالي، جڏهن ماڻهن بي صبري جو مظاهرو ڪيو تہ اوهان صبر سان ڪم ورتو. جيڪا شيءِ ماڻهو طلب ڪندا هئا اوهان عطا فرمائيندا هئا. ماڻهو اوهان جي پيروي ڪندا رهيا ۽ ڪاميابي جي طرف وڌندا رهيا ۽ اوهان جي ئي ڪري انهن ڪاميابي ۽ هدايت ماڻي جنهن جو انهن کي گمان بہ نہ هو.

۞ اوهان ايمان وارن جي لاءِ رحمت، شفقت ۽ محفوظ ديوار هئا، اوهان نهايت دلير ۽ نہ گهبرائڻ وارا هئا، اوهان جذبن ۽ همتن جو اهڙو پهاڙ هئا جنهن کي نہ سخت طوفان لوڏي سگهيا نہ ئي چمڪڻ واريون بجليون لوڏي سگهيون.

۞ اوهان ڪڏهن بہ ڪنهن تي عيب نہ لڳايو، نہ ڪنهن جي غيبت ڪئي ۽ نہ ئي ڪڏهن لالچ ڪئي. ڪمزور ۽ غريب ماڻهو اوهان جي ويجهو محبوب ۽ عزت وارا هوندا هئا، جيڪڏهن ڪنهن مالدار ۽ طاقتور شخص تي انهن (ڪمزورن) جو حق هوندو هو تہ ضرور انهن جو حق ڏياريندا هئا. طاقت ۽ شان و شوڪت وارن کان جيستائين ماڻهن جو حق نہ وٺندا هئا اهي اوهان جي ويجهو ڪمزور هوندا هئا.

۞ الله جو قسم! اوهان اسان سيني کان اڳتي وڌي ويا، اوهان کان بعد وارا اوهان جو مقابلو نہ تا ڪري سگهن. اوهان پنهنجي منزلِ مقصود تائين پهچي ويا. اوهان کي نهايت عظيم ڪاميابي حاصل ٿي، اوهان ان شان سان پنهنجي اصلي وطن ڏانهن روانا ٿيا جو اوهان جي عظمت جا چرچا آسمانن تي ٿي رهيا آهن ۽ اوهان



جي جُدائي جو ڏُک سڄي دنيا وارن کي روئاري رهيو آهي.

۞ رسولُ الله صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي وصال کان بعد اوهان جي جُدائي جهڙي مصيبت مسلمانن کي ڪڏهن نہ پهتي. اوهان دين جي عزت جو باعث ۽ ان جي پناهہ جي جاءِ هئا، اوهان مسلمانن جي لاءِ وڏو سهارو ۽ منافقن تي سخت شدّت ۽ ڪاوڙ ڪرڻ وارا هئا.

۞ الله پاڪ اوهان کي پياري حبيب صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ سان ملايو. الله پاڪ اسان کي اوهان جي اجر ۽ ثواب کان محروم نہ ڪري ۽ نہ ئي اوهان کان بعد اسان کي گمراهہ ڪري.

ماڻهو حضرت سيدّنا عليُ المُرتضٰي رَضِیَ اللّٰہ عَنۡہ جو خطبو خاموشيءَ سان ٻڌندا رهيا. جڏهن پاڻ رَضِیَ اللّٰہ عَنۡہ خاموشي اختيار ڪئي تہ ماڻهو زارو قطار روئڻ شروع ڪري ڏنو ۽ سيني چيو: ”اوهان سچ فرمايو.“

(رياض النضرة،262/1، تاريخ ابن عساکر، 440/30،فيضانِ صديقِ اکبر،

# آخر درست ڇا آهي؟

## ڇا اجتهاد جو دروازو بند آهي؟

مفتي محمد قاسم عطاري

اڄڪلهه ڪجهه طبقن طرفان هي جملو دهرائڻ فيشن بڻجي ويو آهي ته اسلام زوال جي طرف وڃي رهيو آهي ۽ ان جو وڏو مان وڏو ڪارڻ اجتهاد جو دروازو بند ٿيڻ آهي ۽ ان بندش جو سبب علماء آهن ڇوته انهن تي بي حسي طاري آهي، هُو زماني جي رفتار مطابق ناهن هلي رهيا. اچو ٿورو پوري عقل جي روشنيءَ ۾ ان الزام جو تجزيو ڪيون. حقيقت هيءَ آهي ته هي سوال جعلي حڪيمن ۽ جعلي ڊاڪٽرن جي ان احتجاج وانگي آهي جن کي صحت کاتي ڪان هيءَ شڪايت آهي ته انهن کي پريڪٽس ڇو نه ٿي ڪرڻ ڏني وڃي؟ ماڻهن جو علاج ڇو نه ٿو ڪرڻ ڏنو وڃي؟ ان جو جواب هر عقل وارو اهو ئي ڏيندو ته اوهان نااهل آهيو ۽ نااهلن کي ماڻهن جي جان سان کيڏڻ جي اجازت نه ٿي ڏئي سگهجي، لهٰذا اوهان جي لاءِ طبي اجتهاد جو هي دروازو بند آهي. اهو ئي معاملو ديني احڪام جو آهي ته نااهلن کي چيو ويندو ته اوهان نااهل آهيو ۽ نااهلن کي ماڻهن جي دين ۽ ايمان سان کيڏڻ جي اجازت نه ٿي ڏئي سگهجي لهٰذا اوهان جي لاءِ شرعي اجتهاد جو هي دروازو بند آهي. ان بندش تي نااهلن جو احتجاج جاري آهي. ته حقيقت هيءَ آهي ته جنهن اجتهاد کان منع ڪيو ويندو آهي اهو نااهلن جو اجتهاد آهي.

انهن نااهلن ۽ پابندي مڙهيل ماڻهن ۾ ڪيئي طرح جا ماڻهو داخل آهن، هو به جن قرآن ۽ حديث پڙهيو ئي ناهي پر اجتهاد فروشن جي چوڻ جي مطابق انهن کي هن دليل سان اجتهاد جي اجازت ڏني وڃي جو ملڪ جي ماڻهن انهن کي چونڊي ڪري ڪنهن دارُ الحڪومت جي ڪنهن وڏي بلڊنگ ۾ ويهاريو آهي، لهٰذا اهي اجتهاد ڪندا. هاڻي عالم چون ٿا ته ڀاءِ هي بلڊنگ ۾ وينل ماڻهو ڪيئن اجتهاد ڪندا؟ انهن کي ته نماز پڙهڻ به نه ٿي اچي، سورة اخلاص پڙهندي سندن زبان اٽڪي پوندي آهي، قرآن جي سورتن جا نالا انهن کي ياد ناهن، وغيره. هاڻي هر



عقل وارو شخص پاڻ غور ڪري وٺي ته اهڙن ماڻهن ڪي جعلي ڊاڪٽرن وانگر اجتهادي پريڪٽس ڪان منع ڪيو وڃي يا ماڻهن جي دين ۽ ايمان سان ڪيڏڻ جي لاءِ ديني اجتهاد جي اجازت ڏني وڃي؟ هر عقل وارو شخص اهو ئي جواب ڏيندو ته اهڙن ڪي اجتهاد جي هرگز اجازت نه هجڻ گهرجي ۽ هي بلڪل درست آهي چوته اجتهاد، امّتِ مُسلمه جي وڏي ذميداري، منصب ۽ امانت آهي ۽ الله پاڪ فرمايو:

اِنَّ اللّٰهَ يَاْمُرُكُمْ اَنْ تُؤَدُّوا الْاَمٰنٰتِ اِلٰۤى اَهْلِهَاۙ

ترجمو ڪنزالعرفان: بيشڪ الله توهان کي حڪم ڏيئي ٿو ته امانتون جن جون آهن انهن جي حوالي ڪيو.

(سيپارو: 5، سورة نسآء: آيت: 58)

۽ نبيءِ پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: فإذا ضيعت الأمانة فانتظر الساعة، قال: كيف إضاعتها؟ قال: إذا وسد الأمر إلى غير أهله فانتظر الساعة

ترجمو: ”جڏهن امانت ضايع ڪئي وڃي ته قيامت جو انتظار ڪيو. سائل پڇيو، امانت ڪيئن ضايع ٿيندي؟ ته پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: ”جڏهن ڪو اهم ڪم (عهدو، ذميداري، منصب) ڪنهن نااهل جي حوالي ڪيو وڃي ته قيامت جو انتظار ڪيو.

(بخاری، 1 / 36، حديث: 59)

اڄ پڙهيل خود ساخته مجتهدين وانگر، اجتهاد جو دروازو انهن ماڻهن جي لاءِ به بند آهي جن قرآن ۽ حديث پڙهيو ته هوندو آهي پر اهي نفس جا ٻانها ۽ خواهشات جا غلام هوندا آهن، انهن جو اجتهاد اسلام ڪان پري ۽ خواهشن جي ويجهو ڪري ڇڏيندو آهي، انهن جو هر اجتهاد حلال ۽ جائز چوڻ جي طرف ئي ويندو آهي، انهن جي هر اجتهاد جو مطلب اهو ئي نڪرندو آهي ته گذريل چوڏهن سؤ سالن جي ماڻهن دين غلط سمجهو ۽ اڄ اسان دين ڪي صحيح سمجهي رهيا آهيون. هي ماڻهو به اجتهاد جي حوالي سان نااهل آهن. اهڙن ماڻهن جي نااهليت سمجهڻ جي لاءِ قرآن جو ٿورو گهرائي سان مطالعو ڪرڻو پوندو. اهو هي ته الله پاڪ فرمايو:

فَخَلَفَ مِنْۢ بَعْدِهِمْ خَلْفٌ اَضَاعُوا الصَّلٰوةَ وَ اتَّبَعُوا الشَّهَوٰتِ فَسَوْفَ يَلْقَوْنَ غَيًّاۙ (۵۹)

ترجمو ڪنزالعرفان: پوءِ انهن جي پٺيان انهن جي جاءِ تي اهي نالائق ماڻهو آيا جن نمازون ضايع ڪيون ۽ پنهنجي خواهشن جي پٺيان لڳا سو عنقريب اهي جهنّم جي خوفناڪ وادي غي سان وڃي ملندا.

(سيپارو: 16، سورة مريم: آيت: 59)

هن آيت جو سياق ۽ سباق هي آهي ته الله پاڪ سورة مريم ۾ ڪثير انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ السَّلام جو ذڪر ڪرڻ ڪان بعد فرمايو ته هي اهي هستيون آهن جن ڪي الله پاڪ نبوت ۽ رسالت جو منصب عطا ڪري انهن تي پنهنجو خصوصي احسان ڪيو، انهن ڪي هدايت تي فائز ڪيو ۽

انهن کي شريعت جي تشريح جي لاءِ منتخب ڪيو. انهن هستين جي علمي حالت ۽ ڪيفيت هي آهي جو جڏهن انهن جي سامهون الله ڪريم جون آيتون تلاوت ڪيون وينديون آهن ته هي روئيندي سجدي ۾ ڪري پوندا آهن پر انهن کان بعد اهڙا ماڻهو آيا جيڪي ناخلف ۽ نااهل هئا ۽ انهن جي نااهلي جي علامت هيءَ هئي "اَضَاعُوا الصَّلٰوةَ" "انهن نماز کي ضايع ڪيو" ۽ " وَ اتَّبَعُوا الشَّهَوٰتِ " نفس جي خواهشات جي پيروي کي پنهنجي زندگي ٻڻائي ورتو" ته فرمايو، "فَسَوْفَ يَلْقَوْنَ غَيًّا ۝" "ته عنقريب اهي جهنّم جي خوفناڪ واديءَ غي سان وڃي ملندا." "غَيّ" جهنّم جي هڪ وادي به آهي ۽ سرڪشي کي به عربي ۾ "غَيّ" چيو ويندو آهي.

هاڻي هتي آيتن جو سنواريل بيان ڏسو ته پهريان ڪاملين جو تذڪرو فرمايو، جيڪي الله پاڪ جو ڪلام ٻڌي ڪري روئيندا ۽ سجدا ڪندا آهن يعني نهايت باعمل آهن پر پوءِ ٻڌايو ويو ته انهن کان بعد اهڙا ماڻهو آيا جن بي عملي کي عادت ٻڻايو جو نمازون برباد ڪيائون، خواهشن جا غلام ٻڻيا ۽ انهيءَ بي عملي ۽ بدعملي جي زندگي ۾ پيل رهيا ته هي ماڻهو سڌي رستي کان ڀٽڪڻ وارا ۽ جهنّم جو ٻارڻ آهن.

هاڻي قرآن جي روشني ۾ اسان پنهنجي زماني جي ماڻهن تي هڪ نظر وجهون ٿا. اسان وٽ جيڪي وَڪرَ وانگر گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ اجتهاد جو دڪان کولڻ جي ڳالهه ڪري پوءِ خود ئي اجتهاد جو شوق پورو ڪرڻ لڳندا آهن يا ڪنهن حڪومتي بلڊنگ ۾ وڏو الائونس وٺي ڪري ويهڻ وارن کي اجتهاد جي اجازت ڏيڻ جون ڳالهيون ڪندا آهن، انهن سيني جي هڪ هفتي جي زندگي ڏسي وٺندا، اهي پروفيسرز هجن يا مفڪر سڏرائڻ وارا، عالمي اسڪالر جو لقب رکڻ وارا يا دنياوي پڙهيل لکيل ماڻهو، اخبار ۾ ڪالم جا هڪ به صفحا لکڻ وارا يا ٻه چار ڪتابن جا ليکڪ، گهڻي قدر اجتهاد جي ڳالهه اهي ئي ڪندا آهن انهن سيني جي هڪ هفتي جي عملي حالت چيڪ ڪري وٺندا ته نماز پڙهن ٿا يا نه؟ توهان کي خبر پئجي ويندي " اَضَاعُوا الصَّلٰوةَ " يعني "انهن نمازون ضايع ڪيون" جا پڪا عامِل هوندا ۽ "وَ اتَّبَعُوا الشَّهَوٰتِ " ترجمو: "انهن خواهشن جي پيروي ڪئي." جا ڪامل نمونا نظر ايندا.

سال 2002ع کان بعد جي ڳالهه آهي ته هڪ صاحب اجتهاد جون تمام گهڻيون ڳالهيون ڪندو هو. ايستائين جو ان جا انٽرويو وغيره به ان موضوع تي ميگزينن ۾ ڪڏهن ڇپجندا هئا. ان صاحب

جو اجتهاد ايترو پهتل هو جو ٿورو گهڻو شراب پي وڃڻ بہ ان جي ويجهو ڪو ايڏو وڏو مسئلو نہ هو، سندس ويجهو شراب پيئڻ بہ اجتهادي مسئلو ئي هو. بعد ۾ خبر پئي تہ موصوف پاڻ بہ بہ چار ڏُڪَ هڻي وٺندو هو.

سو جناب، هي اهي حضرات آهن جن جي باري ۾ عالم سڳورا فرمائن ٿا تہ اهڙن جي لاءِ اجتهاد جو دروازو بند آهي ۽ جيستائين حقيقي ۽ اهل عالمن جو تعلق آهي تہ اهي اڄ بہ الحمد لله اجتهاد ڪندا آهن، جيڪي نوان مسئلا پيش ايندا آهن انهن تي غور ۽ فڪر ڪري انهن جو حل تلاش ڪندا آهن.

هن وقت پوري دنيا ۾ جيڪا اسلامڪ بينڪنگ هلي رهي آهي، ڇا هي پورو نظام امام اعظم امام ابو حنيفہ يا سيدنا امام شافعي رضی اللہ عنهما يا هدايہ ۽ فتحُ القدير جي مصنفن رحمۃ اللہ علیهما بيان فرمايو آهي؟ هرگز نہ. اسلامڪ بينڪنگ ۽ ان جي سنواريل ۽ سهڻي طريقي ڪار جي اجتهادي استخراج ۽ استنباط جو تاج اڄ جي زماني جي اهلِ اجتهاد عالمن ئي جي مٿي تي سجيل آهي. ملائيشيا، انڊونيشيا، قطر، بحرين، عمان، دبئي جي عالمن ئي اسلامي بينڪنگ جو بنياد رکيو ۽ ان کي عملي طور تي ڪامياب ڪري ڏيکاريو، پوءِ پاڪستان جي متعلقہ ماڻهن انهن ئي ملڪن جي عالمن جي اتباع ۾ وڌيڪ ڪم ڪيو.

# مدني مذاڪري
## جا سوال جواب

### (1): جنت ۾ پوڙهن جا سردار ڪير هوندا؟

سوال: حضرت سيدنا امام حسن ۽ حضرت امام حسين رضی اللہ عنہما جنّت ۾ نوجوانن جا سردار هوندا ته پوڙهن جا سردار ڪير هوندا؟

جواب: سڀ ڪان پهريان ته هي ياد رکندا ته جنّت ۾ ڪو به پوڙهو نه هوندو. (مراۃ المناجیح، 385/8 ملخصاً) جنّت ۾ تمام جنّتي (هميشه) 30 سالن جا (نظر) ايندا. (ترمذی، 244/4، حدیث: 2554) دنيا ۾ جيڪي پوڙها ٿي ڪري يا ننڍي عُمر ۾ ئي فوت ٿي ويا هوندا اهي به جنّت ۾ جوان هوندا يعني 30 سالن جا معلوم ٿيندا. (ترمذی، 253/4، حدیث: 2571) باقي دنيا ۾ جيڪي پوڙها ٿي ڪري فوت ٿيا هوندا جنّت ۾ انهن جا سردار مسلمانن جا پهريان خليفا حضرت سيّدنا صديقِ اڪبر ۽ مسلمانن جا ٻيا خليفا حضرت فاروقِ اعظم رضی اللہ عنہما هوندا.

(ترمذی، 376/5، حدیث: 3685- مدنی مذاکرہ، 11شعبان شریف 1441ھ)

### (2): دين جي خدمت جي لاءِ صحت جي دعا گهرڻ

سوال: جيڪڏهن ڪو شخص بيمار هجي ته ڇا اهو ڪنهن بزرگ ڪان پنهنجي لاءِ هيءَ دعا ڪرائي سگهي ٿو ته الله پاڪ مون کي دين جي خدمت جي لاءِ صحت ۽ عافيت عطا ڪري؟

جواب: اهڙي دعا ڪرائي سگهي ٿو بلڪ هن جي لاءِ صحت ۽ عافيت گهرڻ گهرجي ته اي الله پاڪ! صحت ڏي ته جيئن اسان بهتر طريقي سان تنهنجي عبادت ڪري سگهون ۽ تنهنجي دين جي خدمت ڪري سگهون بيشڪ هي دعا گهرڻ جو تمام سُنو انداز آهي.

(مدنی مذاکرہ، 10محرم شریف1440ھ)

### (3): ماءُ پيءُ ٻنهي جي فرمانبرداري فرض آهي

سوال: عام طور تي ڏٺو ويو آهي ته هر جڳهه ماءُ جي اهميت بيان ڪئي ويندي

آهي، Messages بہ عام طور تي ماءُ جو شان بيان ڪرڻ وارا ئي ڪيا ويندا آهن پر پيءُ جي باري ۾ هن طرح جو سلسلو ناهي ٿيندو، اوهان هن حوالي سان ڪجهہ رهنمائي فرمائيندا.

جواب: جي ها! گاڏين تي بہ لکيل هوندو آهي: ”ماءُ جي دعا جنّت جي هوا“ ماءُ پيءُ ٻنهي جو پنهنجو پنهنجو مقام آهي، ٻنهي جي فرمانبرداري اولاد تي فرض آهي. ياد رهي تہ ”تعظيم پيءُ جي وڌيڪ ۽ خدمت ماءُ جي وڌيڪ ڪئي ويندي.“ (فتاویٰ رضویہ، 390/24 ملخصاً) ماءُ جو تذڪرو هن ڪري بہ ڪثرت سان ڪيو ويندو آهي جو ماءُ جا احسانَ تمام گھڻا هوندا آهن، پيءُ صرف ٻار کي پيار ڪندو آهي جڏهن تہ ماءُ پيار ڪرڻ سان گڏوگڏ ان جي گندگي بہ صاف ڪندي آهي، ان کي سنڀاريندي، ڪپڙا پارائيندي ۽ ان کي وهنجاريندي بہ آهي، پيءُ عام طور تي هي سڀ ناهي ڪندو. ايئن ٻار جو رجحان ماءُ جي طرف وڌي ويندو آهي ۽ اهو پيءُ جي مقابلي ۾ ماءُ سان وڌيڪ مانوس ٿيندو آهي.

(مدنی مذاکرہ، 9محرم شریف1440ھ )

## (4) نلي جو سرخ مغز کائڻ ڪيئن؟

سوال: گوشت جي نلي جو گودو جنهن جو اڌ رنگ اڇو ۽ اڌ ڪارو هوندو آهي اهڙي رت واري نلي کائڻ ڪيئن؟

جواب: هي گودو هوندو آهي ان کي کائي سگھو ٿا. شروع ۾ ان جو ڪجهہ حصو ڳاڙهو هوندو آهي پر هي رت ناهي هوندي، ان جو تہ نالو ئي ”گودو“ آهي جيئن هنداڻو اندران ڳاڙهو هوندو آهي ان کي رت ناهي چيو ويندو، اهڙيءَ طرح گوشت بہ تہ ڳاڙهو هوندو آهي.

(مدنی مذاکرہ، 9محرم شریف1440ھ)

## (5) رحمت وڏي آهي يا نعمت؟

سوال: رحمت وڏي هوندي آهي يا نعمت؟

جواب: اللہ پاڪ جي طرف کان جيڪا بہ شيءِ ملي اها وڏي نعمت هوندي آهي! ڪڏهن ڪڏهن نعمت سان گڏ زحمت بہ اچي ويندي آهي مثال طور جنهن کي ڳالهائڻ جي نعمت ملي هجي اهو سُٺو ڳالهائيندو آهي، پر ان نعمت سان گڏ زحمت لڳل هوندي آهي تہ ٿي سگهي ٿو هي شخص تڪبر ۾ مبتلا ٿي وڃي يا ٻين کي حقير سمجهي يا پنهنجي آواز جو ناجائز استعمال ڪرڻ لڳي. بهرحال دنياوي نعمت جو رحمت کان مقابلو ٿي ئي نہ ٿو سگھي ۽ اللہ پاڪ جي رحمت ۾ ڪمزوري ناممڪن آهي. اللہ پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

وَرَحْمَتِيْ وَسِعَتْ كُلَّ شَيْءٍ ؕ

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ منهنجي رحمت هر شيءِ کي محيط آهي.

(سيپارو: 9، سورت اعراف: آيت: 156)

ياد رهي! ڪڏهن ڪڏهن بلڪ ڪيئي پيرا نعمت دنياوي نقصان جو باعث بڻجندي آهي. دولت هوندي ته ڏاڍيل ايندو جڏهن ته غريب رستي جي ڪناري به سُتل هوندو آهي ته ان کي ڪو به تنگ ناهي ڪندو، بهرحال نعمت، نعمت آهي ۽ رحمت، رحمت آهي، نعمت ۾ امتحان آهي، رحمت ۾ امتحان ناهي. اسان الله پاڪ کان رحمت جو سوال ڪيون ٿا ۽ نعمت ملي ان تي به رحمت جي چانوَ طلب ڪيون ٿا ته ڪا نعمت اسان جي لاءِ دنيا ۽ آخرت جي نقصان جو باعث نه بڻجي.

## (6) عصر يا مغرب کان بعد ٻهارو ڏيڻ ڪيئن؟

سوال: ڇا شام جي نماز کان بعد گهر ۾ ٻهارو ڏئي سگهون ٿا؟

جواب: شام جي نماز مان مُراد جيڪڏهن عصر جي نماز آهي ته عصر کان بعد ڏينهن هوندو آهي ۽ ڏينهن جو ٻهارو ڏيڻ ۾ ڪو حرج ناهي ۽ جيڪڏهن ان مان مُراد مغرب جي نماز آهي ته مغرب جي نماز کان بعد رات ٿي ويندي آهي، ۽ بزرگانِ دين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم رات جو ٻهارو ڏيڻ کي تنگدستي ۽ غربت اچڻ جو سبب لکيو آهي. (سنی بہشتی زیور، ص600ماخوذاً) باقي رات جو ٻهارو ڏيڻ جائز آهي.

(مدنی مذاکرہ، بعد نمازِ عصر، 3رمضان شریف 1441ھ)

## (7) ميڙن کان بچڻ جو لوشن جسم تي هڻي ڪري مسجد وڃڻ ڪيئن؟

سوال: ميڙن کان بچڻ جي لاءِ جسم تي لوشن هڻندا آهيون ته هن حالت ۾ مسجد وڃي سگهون ٿا؟

جواب: جيڪڏهن ان لوشن مان بَدبو نه ايندي هجي ته ان کي لڳائي ڪري مسجد وڃڻ ۾ ڪو حرج ناهي.

(مدنی مذاکرہ، بعد نمازِ تراویح، 4رمضان شریف 1441ھ)







حديث شريف ۾ ان جي تشريح

# ڪمن ڪي مهارت سان ڪرڻ

(Doing Things Skillfully)

ناصرجمال عطاري مدني

رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اِنَّ اللهَ يُحِبُّ اِذَا عَمِلَ اَحَدُكُمْ عَمَلاً اَنْ يُّتْقِنَهٗ يعني جڏهن توهان مان ڪو ڪم ڪري ته الله پاڪ کي پسند آهي ته هُو اُن کي مهارت ۽ پختگي سان ڪري.

حديث جي بيان ڪيل تشريح جو خلاصو هي آهي ته الله پاڪ جي مدد عمل ڪرڻ واري تي سندس عمل جي اعتبار سان لهندي آهي. هر اهو شخص جنهن جو عمل جيترو وڌيڪ پختو ۽ ڪامل هوندو ته ان جو ثواب به اوترو ئي ٻيڻ تي ٽي ويندو آهي، جڏهن ٻانهو اُن اعتبار کان وڌي ويندو آهي ته الله پاڪ ان کي پنهنجو محبوب بڻائي ڇڏيندو آهي پڻ الله ڪريم جنهن کي هنر سان نوازيو آهي ته هو مخلوقِ خدا جي طرفان ملڻ واري رقم تي نظر نه رکي بلڪ الله پاڪ جي ڏنل صلاحيت استعمال ڪري مخلوق کي فائدو پهچائي ته جيئن هو عملي طور الله پاڪ جي نعمت جو شڪر گذار بڻجي سگهي.

اسلام جي هڪ خوبي اها به آهي ته هُو پنهنجي مڃڻ وارن کي پنهنجي حصي جي ذميواري نڀائڻ جي تاڪيد ڪري ٿو، ذميواري پوري ڪرڻ واري کي حوصلو ڏئي ٿو ۽ پورو نه ڪرڻ جي صورت ۾ دنيا ۽ آخرت ۾ ملڻ وارين سزائن ۽ نقصانن کان ڊيڄاري به ٿو، شايد اهو ئي سبب آهي جو ماضي جي اسلامي تاريخ کي روشن رکڻ ۾ ذميواري جي احساس وڏو ڪردار ادا ڪيو آهي.

احساسِ ذميداري جي تقاضا اها آهي ته ڪم وقت تي ڪيو وڃي ۽ صلاحيتن سان ڪيو وڃي. جيڪڏهن ائين ڪم نه ڪبو ته نتيجا درست ناهن نڪرندا مثال طور تدريس کان وابسته استادن ۾ پڙهائڻ جي مهارت نه هجي ته شاگردن جي مستقبل جو بيڙو غرق ٿي ويندو آهي، نااهل ماڻهو ميڊيڪل جي فيلڊ ۾ شامل ٿي وڃن ته

انساني جان جي ضايع ٿيڻ جا امڪان وڌي ويندا آهن، تعميرات جي شعبي ۾ مهارت جي گهٽتائي هجي ته ماڻهن جي جان ۽ سرمائي ٻنهي جي برباد ٿيڻ جا خطرا تمام گهڻا وڌي ويندا آهن، دين کان وابسته جيترا به شعبا آهن جيڪڏهن انهن ۾ مهارت جي گهٽتائي هجي ته بي عملي تيزي سان پکڙجڻ لڳندي آهي ۽ جهالت جي طوفان جو مقابلو ڪرڻ ۾ وڏي مشڪل پيش ايندي آهي. الله جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ انهن خطرناڪ نتيجن کان دنيا کي بچائڻ جي لاءِ عملي زندگي (Practical Life) ۾ مهارت جي اهميت (Importance Of Skills) کي واضح فرمايو آهي ۽ ان کي الله پاڪ جو پسنديده ٻانهو بڻائڻ وارو عمل قرار ڏنو آهي.

ڪنهن به ڪم کي مهارت سان ڪرڻ جي لاءِ چند ڳالهيون هتي بيان ڪري رهيو آهيان جيڪڏهن انهن جو لحاظ رکيو وڃي ته چڱا نتيجا سامهون ايندا. اهي ڳالهيون هي آهن:

(1) **پنهنجي صلاحيتن کي وڌائيندا رهو:** اڄوڪي دور ۾ تقريباً هر فيلڊ جون تقاضائون بدلجنديون پيون وڃن ۽ هر شعبي ۾ نوَن نوَن چيلنجز کي منهن ڏنو پيو وڃي لهٰذا جيڪو انسان پنهنجي صلاحيتن کي اپ ڊيٽ نٿو ڪري ۽ تقاضائن جي مطابق انهن کي نٿو وڌائي ته ممڪن آهي ته هُو پوئتي رهجي وڃي تنهنڪري پنهنجي شعبي ۾ ترقي ڪرڻ جي لاءِ پنهنجين صلاحيتن کي به وڌائيندا رهو ۽ مهارتن ۾ واڌارو ڪيو.

(2) **پاڻ تي تنقيد ڪيو:** هڪ شخص وڏي محنت ڪري انگورن جي تصوير ناهي اها تصوير حقيقت جي ايترو ته ويجهو هئي جو پکي اُن انگورن کي اصلي سمجهي ڪري کائڻ لاءِ اچڻ لڳا جنهن جي ڪري هي تصوير ماڻهن جي توجه جو مرڪز بڻجي وئي، اهي دل سان تعريفون به ڪري رهيا هئا پر ان جي باوجود انگورن جي تصوير ناهڻ وارو مالڪ ڪامل طور مطمئن نظر نه پئي آيو، ڪنهن وجهه پڇا ڪئي ته ان پاڻ تي تنقيد ڪندي چيو: انگورن جي تصوير ته حقيقت جي ويجهو نهي آهي جو پکي به ويجهو اچي رهيا آهن پر جنهن انسان جي هٿ ۾ انگورن جو ڇڳو آهي ان جي تصوير اصل جهڙي معلوم نه پئي ٿي، جوته پکي انگورن جو ڇڳو ڪنيل ماڻهو کان خوفزده ٿي اڏامن نه پيا، هن خامي جو مان اعتراف ڪيان ٿو لهٰذا مان هن تصوير تي وڌيڪ محنت ڪندس. اڳين ڏينهن ان هن گهٽتائي کي پورو ڪيو ۽ پنهنجو مقصد حاصل ڪري ورتو.

(ياد رهي! جاندار جي تصوير ناهڻ جائز نه آهي، هي مثال صرف سمجهائڻ جي لاءِ ڏني وئي آهي.)

”خوش فهمي“ ۽ ”خود پسندي“ اسان جي ماهر بڻجڻ ۾ به نهايت وڏيون رڪاوٽون آهن، هي اسان کي پاڻ تي تنقيد ڪرڻ کان روڪين ٿيون. هونئن ڳالهين جي ميدان ۾ اسان پاڻ کي قدآور شخصيت ته ثابت ڪري وٺندا آهيون پر عمل جو ميدان خالي جو خالي رهندو آهي، ضروري

آهي تہ پنهنجي ڪاميابين جو تنقيدي جائزو وٺندا رهو اوهان کي بهتري جا وڌيڪ امڪان نظر ايندا ۽ هي امڪان اوهان کي ماهر بنائڻ ۾ نهايت مددگار ثابت ٿيندا.

(3) ”ڊيلي پلانر“ ڊيزائن ڪيو: مقصدن ۽ ترجيحات کي حاصل ڪرڻ ۾ هر ڏينهن جو پلان جوڙڻ نهايت اهميت رکي ٿو، ڊيلي پلانر ڊيزائن ڪرڻ جو تمام وڏو فائدو هي بہ آهي تہ هر ڪم جي نيت واضح ٿي ويندي آهي ۽ درست نيت جي برڪت سان اُن جي سمت بہ صحيح رهندي آهي ۽ رحمتِ خداوندي شامل هجڻ جي ڪري اهو ڪم تڪميل تائين پهچي ويندو آهي، ڊيلي پلانر جيترو سادو، آسان ۽ هر ڪم کي هڪ ٻئي سان جوڙڻ وارو هوندو تہ اهو ڪم نهايت آساني سان ٿيندو ويندو. خاص طور ڪم ۾ جيڪا توجه درڪار هوندي آهي اُن کي بہ برقرار رکڻ ۾ گهڻي مدد ملندي آهي.

(4) اسڪرين ٽائم گهٽ ڪري ڇڏيو: ڪنهن بہ ڪم ۾ بي توجهي، لاپرواهي ۽ مهارت جو استعمال نہ ٿيڻ جو وڏو سبب موبائل وغيره جي اسڪرين تي نظرون ڄمائي رکڻ جي عادت بہ آهي ۽ هرهر نوٽيفڪيشن، اسٽيٽس، ٽويٽ. واٽس اپ گروپس ۾ اچڻ وارن ميسيجن وغيره جي لاءِ موبائل اسڪرين ڏسڻ جي عادت ايتري خراب آهي جو ڊرائيونگ ڪندي، آپريشن ٿيٽر ۾، ڪچن ۾ ڪم ڪندي، آفيس ۾ ميٽنگ وغيره ۾ پڻ جان ناهي ڇڏيندي، جنهن جو نتيجو جاني يا مالي نقصان جي صورت ۾ نڪرندو آهي. اسڪرين کي گهٽي قدر وقت ڏيڻ جي عادت اسان کي اسان جي اسڪلز جي ڀرپور استعمال کان روڪڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندي آهي. تنهنڪري جيڪڏهن اوهان چاهيو ٿا تہ پنهنجي ڪم تي فوڪس رکون ۽ پوري مهارت سان ان کي سرانجام ڏيون تہ پهرين فرصت ۾ اوهان کي اسڪرين ٽائم گهٽ ڪرڻ جي پريڪٽس ڪرڻ جي ضرورت آهي، جيڪڏهن اوهان هن مرض تي ڪنٽرول ڪري ورتو تہ اُنهن خوابن جي تعبير جاڳندي اکين سان ڏسندؤ جيڪي اوهان کي زندگي جي شاهراهہ ۾ ڪاميابي جو سفر جاري رکڻ تي اڀاريندا آهن.

(5) وقت جي تقسيم ڪاري ۾ ديانتداري ڏيکاريو: ڊيلي پلانر جي ذريعي اسان هي طئي ڪري سگهون ٿا تہ اڄ ڪهڙو ڪم ڪرڻو آهي ۽ ٽائم ٽيبل جي ذريعي اسان هي طئي ڪري سگهون ٿا تہ ڪهڙو ڪم ڪهڙي وقت تي ڪرڻو آهي ۽ ڪهڙي ڪم کي ڪيترو ٽائم ڏيڻو آهي لهٰذا هتي بہ پوري ديانتداري جو لحاظ رکڻ ضروري آهي، هر ڪم جي لاءِ هڪ وقت مقرر هجي ۽ هر وقت جي لاءِ ڪم هجي تہ جيئن اسان ميدانِ عمل ۾ پنهنجي مهارت جو وقت تي استعمال ڪري ترقي ۽ ڪاميابي جي منزل پار ڪندا هلندا وڃو. الله ڪريم اسان کي مهارت جي نعمت سان نوازي ۽ مهارت جو صحيح استعمال ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

آمِيْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللہُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

# خوابن جي دنيا



مولانا محمد اسد عطاري مدني

خواب: مون 22 جولائي 2022ء تي رات جو هي خواب ڏٺو تہ مان پنهنجي والدين سان گڏ عمري تي وئي آهيان. براءِ مهرباني! هن جي تعبير ٻڌائجو.

تعبير: سٺو خواب آهي، اِنْ شَآءَاللّٰه حقيقت ۾ عُمري جي سعادت نصيب ٿيندي. باقي ان جي لاءِ اسباب اختيار ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ سان گڏوگڏ الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ دعا بہ ڪنديون رهو.

خواب: خواب ۾ ڳئون ڏسڻ ڪيئن؟ اڪثر مختلف خوابن ۾ ڪاوڙ ڪندي ۽ ٿڌي ڳئون نظر ايندي آهي.

خواب: ڳئون ڏسڻ جون ڪيئي تعبيرون آهن ڪجهہ صورتن ۾ قحط سالي جڏهن تہ ڪجهہ صورتن ۾ خوشحالي جي علامت آهي. پڻ ڳئون جو رنگ ۽ شڪل مختلف هجڻ سان تعبير مختلف ٿي ويندي آهي. لهٰذا ڪنهن خاص صورت ۾ ڏٺل خواب جي خاص تعبير بيان ڪئي ويندي.

خواب: منهنجي چاچيءَ خواب ڏٺو آهي تہ ان جي پٺيان ڪتا ڊوڙي رهيا آهن ۽ ڪجهہ ڪتا ڀونڪي بہ رهيا آهن. هن جي تعبير ڇا ٿيندي؟

تعبير: ڪمزور دشمن جي نشاني آهي الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ حفاظت جي دعا ڪيو، راهِ خدا ۾ صدقو ڪيو ۽ ظاهري اعتبار سان پنهنجي ۽ گهر وارن جي حفاظت جي تدبير بہ اختيار ڪيو، اِنْ شَآءَاللّٰه نقصان کان محفوظ رهنديون.

خواب: مون خواب ۾ ذائقيدار رس گُلا ۽ لڏون ڏٺا آهن ۽ ڪاڏا بہ آهن، براءِ مهرباني هن جي تعبير ٻڌائجو.

تعبير: سٺو خواب آهي، منو ڪائيندي ڏسڻ خوشخبريءَ جي علامت هوندي آهي. ايئن ئي جائز مراد جي پوري ٿيڻ تي بہ دليل هوندي آهي.

خواب: مون رات جو خواب ڏٺو آهي تہ مان پچيل گوشت پيو کاوان. ان جي تعبير ڇا ٿيندي؟

تعبير: سٺو خواب آهي، رزق ۾

وسعت جي نشاني آهي جڏهن ته حلال جانور جو گوشت هجي. ايئن ئي تنگدست جي لاءِ ڪشادگي جي علامت آهي.

خواب: مون خواب ۾ سائو گاهه ۽ ڳاڙهيون گجرون ڏٺيون آهن، ان جي تعبير ٻڌايو.

تعبير: سنو خواب آهي، دين جي خوبي جي نشاني آهي، الله پاڪ ديني معاملن ۾ ترقي عطا فرمائيندو. تنهنڪري عبادت ۾ وڌيڪ ڪوشش ڪيو ۽ الله پاڪ جي رحمت مان حصو ماڻيو.

خواب: خواب ۾ پنهنجي رشتيدار (چاچي، مامي، ڦڦي، ماسي وغيره) ڪي مئل ڏسڻ ڪيئن آهي؟ پڻ جنهن کي خواب ۾ ڏٺو آهي ڇا ان کي هن باري ۾ ٻڌائڻ گهرجي يا نه؟

تعبير: ڪنهن رشتيدار کي خواب ۾ مئل ڏسڻ جون ڪيترين ئي صورتون آهن ڪجهه چڱيون ۽ ڪجهه بريون، ۽ انهن جي مختلف هجڻ سان تعبير به مختلف ٿي ويندي آهي. ڪنهن کي خواب ٻڌائڻ ۾ احتياط ڪرڻ گهرجي صرف اهو خواب بيان ڪريو جيڪو چڱو هجي ۽ اهو به چڱي دوست يا جنهن کان تعبير پڇڻي هجي ان کان بيان ڪيو وڃي. هر هڪ کي پنهنجو خواب بيان نه ڪرڻ گهرجي.

# انبياءِ سندن قومون قرآن جي روشني ۾

محمد شبير رضا عطاري

(ڪلاس: سابعه، مرڪزي جامعة المدينه
فيضان مدينه فيصل آباد)

الله پاڪ انسان کي پيدا فرمايو ته گڏوگڏ انسان جي سڌي وات جو انتظام به فرمايو ته جيئن قيامت جي ڏينهن عذر نه ٻڌائي سگهي تنهنڪري وقتاً فوقتاً خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيجاريندڙ انبياءِ ڪرام عَلَيهِم السَّلام کي انسانن جي هدايت جي لاءِ موڪليو ويو. جيئن ته خود الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

رُسُلًا مُّبَشِّرِيْنَ وَمُنْذِرِيْنَ لِئَلَّا يَكُوْنَ لِلنَّاسِ عَلَى اللّٰهِ حُجَّةٌۢ بَعْدَ الرُّسُلِؕ وَكَانَ اللّٰهُ عَزِيْزًا حَكِيْمًا ﴿۱۶۵﴾

ترجموڪنزالعرفان: اسان رسولن کي خوشخبري ۽ خوف ٻڌائيندڙ ڪري (موڪليو) ته جيئن رسولن (کي موڪلڻ) کان پوءِ الله وٽ ماڻهن جي لاءِ ڪو به عذر(باقي) نه رهي ۽ الله زبردست آهي، حڪمت وارو آهي. (پ6،النسآء:165)

انبياءِ ڪرام عَلَيهِم السَّلام کي مختلف قومن جي طرف رسول ٻڻائي موڪليو ويو جن مان بعض جو ذڪر قرآن ڪريم قومن جي نالي، بعض جو سندن علائقي جي نالي سان ڪيو، جڏهن ته ڪجھ قومن جو ذڪر انهن جي سردارن جي نالي سان، ڪجھ جو سندن تعداد ۽ ڪن جو سندن نبين جي طرف نسبت جي ڪري ذڪر فرمايو آهي. اچو قرآن پاڪ ۾ ذڪر ٿيڻ وارين قومن ۽ انهن جي انبياءِ ڪرام جي باري ۾ پڙهون ٿا:

(1) حضرت هود عَلَيهِ السَّلام جي قوم:

وَاِلٰى عَادٍ اَخَاهُمْ هُوْدًاؕ

ترجموڪنزالعرفان: ۽ عاد جي طرف سندس قوم مان هود کي موڪليو. (پ8،الاعراف:65)

(2) حضرت صالح عَلَيهِ السَّلام جي قوم:

وَاِلٰى ثَمُوْدَ اَخَاهُمْ صٰلِحًاۘ

ترجموڪنزالعرفان: ۽ ثمود قوم جي طرف سندس قوم مان صالح کي موڪليو.
(پ8،الاعراف:73)

(3) حضرت شعيب عَلَيهِ السَّلام جي قوم:



وَاِلٰی مَدْیَنَ اَخَاهُمْ شُعَیْبًا

ترجمو کنزالعرفان: ۽ مدين جي طرف سندس قوم مان شعيب کي موڪليو.

(پ8،الاعراف:85)

(4) حضرت لوط عَلَیہِ السَّلَام جي قوم:

كَذَّبَتْ قَوْمُ لُوْطٍۭ بِالنُّذُرِ ﴿۳۳﴾

ترجمو کنزالعرفان: ۽ لوط جي قوم رسولن کي ڪوڙو چيو. (پ27،القمر:33)

(5) حضرت نوح عَلَیہِ السَّلَام جي قوم:

لَقَدْ اَرْسَلْنَا نُوْحًا اِلٰى قَوْمِهٖ

ترجمو کنزالعرفان: بيشڪ اسان نوح کي سندس قوم جي طرف موڪليو.

(پ8،الاعراف:59)

(6) حضرت يونس عَلَیہِ السَّلَام جي قوم:

وَاَرْسَلْنٰهُ اِلٰى مِائَةِ اَلْفٍ اَوْ یَزِیْدُوْنَ ﴿۱۴۷﴾

ترجمو کنزالعرفان: اسان ان کي هڪ لک ماڻهن جي طرف موڪليو بلڪ وڌيڪ.

(پ23، الصّٰفّٰت:147)

(7) حضرت موسي عَلَیہِ السَّلَام جي قوم:

وَلَقَدْ اَرْسَلْنَا مُوْسٰى بِاٰیٰتِنَاۤ اِلٰى فِرْعَوْنَ وَمَلَا۟ئِهٖ

ترجمو کنزالعرفان: ۽ بيشڪ اسان موسي کي پنهنجي نشانين سان گڏ فرعون ۽ ان جي سردارن ڏانهن موڪليو.

(پ25،الزخرف:46)

(8) حضرت عيسي عَلَیہِ السَّلَام جي قوم:

وَاِذْ قَالَ عِیْسَى ابْنُ مَرْیَمَ یٰبَنِیْۤ اِسْرَآءِیْلَ اِنِّیْ رَسُوْلُ اللّٰهِ اِلَیْكُمْ

ترجمو کنزالعرفان: ۽ ياد ڪريو جڏهن عيسي بن مريم فرمايو: اي بني اسرائيل مان توهان جي طرف الله جو رسول آهيان.

(پ28،الصف:6)

(9) حضرت محمد مصطفي صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي قوم:

قُلْ یٰۤاَیُّهَا النَّاسُ اِنِّیْ رَسُوْلُ اللّٰهِ اِلَیْكُمْ جَمِیْعًا

ترجمو کنزالعرفان: اوهان فرمايو: اي انسانو! مان توهان سيني جي طرف الله جو رسول آهيان.

(پ9،الاعراف:158)

بين انبياءِ ڪرام عَلَیہِمُ السَّلَام کي خاص قوم يا علائقي جي طرف موڪليو ويو جڏهن ته آقا ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ کي تمام جهان جي انسانن جي طرف موڪليو ويو. پوءِ انهن مان ڪجهه ماڻهو نبين جي نافرماني سبب هلاڪ ٿيا ۽ ڪجهه ماڻهو نبين جي پيرويءَ سبب ڪامياب ٿيا، الله پاڪ اسان کي ڪاميابي ماڻڻ وارن مان بڻائي ۽ قيامت جي ڏينهن سرڪار جي شفاعت مان حصو عطا فرمائي. آمين



# بي تڪلفي
# (Frankness)

مولانا محمد آصف عطاري مدني

**ڪياڙي رت کان ڳاڙهي ٿي وئي:** بائيو گرافي (سيرت) جي پيريڊ ۾ هڪ طالب علم مون کي ٻڌايو ته مان پهريان ڪراچي جي هڪ هاءِ اسڪول ۾ پڙهندو هيس. اُتي ستين ڪلاس جي ٻن شاگردن دوستي ۽ بي تڪلفي جي ڪري پاڻ ۾”ڪياڙي مار“ راند مقرر ڪري رکي هئي، ان راند جو طريقو هي هوندو آهي ته ملاقات ٿيڻ وقت جيڪڏهن هڪ شخص پنهنجي ڪنڌ جي پوئين حصي تي هٿ نه رکيو ته ٻئي کي اختيار هوندو آهي ته هو ان جي ڪياڙي تي اوچتو ٿڦ وهائي ڪڍي، هڪ ڏينهن هڪ دوست ٻئي دوست جي ڪياڙي تي زوردار ٿڦ هنيو شايد ڪا ڇهنبياري شيءِ به ان جي هٿ ۾ هئي. جنهن سبب ٻي دوست جي ڪياڙي رت سان ڳاڙهي ٿي وئي. ان کي يڪدم اسپتال نيو ويو جتي ان جي زخم تي ڪيئي ٽانڪا لڳا.

محترم قارئين! بي تڪلفي جي نالي تي ڪيون ويندڙ اهڙي طرح جون ڪيئي خلافِ شريعت حرڪتون ڏسڻ ۽ ٻڌڻ ۾ ايندڙيون آهن. اسان جي معاشري ۾ ڪجھ ماڻهن کي غلط فهمي هوندي آهي ته جنهن سان اسان جي بي تڪلفي هجي ان کي اسان جيڪو چاهيون چئي سگهون ٿا ۽ جيڪو ان سان ڪرڻ چاهيون ڪري سگهون ٿا حالانڪ ايئن نه آهي بلڪ ان ۾ ڪجھ تفصيل آهي.

**بي تڪلفي جا قسم:** اجوڪي دور ۾ اجنبيت کان سڃاڻپ ۽ سڃاڻپ کان واقفيت پوءِ اُنسيت ۽ دوستي، ان کان بعد هڪٻئي ۾ بي تڪلفي جو سفر نهايت تيزي سان طئي ٿي رهيو آهي. اها ئي بي تڪلفي قريبي مٽ مائٽن، ڀيڻ ڀائرن ۽ زال مڙس ۾ به ڏٺي ويندي آهي، پوءِ اها بي تڪلفي ڪڏهن زبان جي حد تائين هوندي آهي جو پاڻ ۾ ڪنهن پرسنل ايشو (ذاتي معاملي) تي به ڳالهائي وٺندا آهن يا اهڙي اپنائيت واري انداز سان هڪٻئي سان ڳالهائيندا آهن جو ڪنهن ٻي سان اهڙو رويو اختيار ناهن ڪندا، هڪٻئي کي

پنهنجو رازدار بہ بڻائي ونندا آهن. ڪڏهن هيءَ بي تڪلفي مالي هوندي آهي جو هڪبئي جي ٿوري گهڻي رقم استعمال ڪئي ويندي آهي يا هڪبئي کان قرض گهرڻ ۾ شرم محسوس ناهي ٿيندو، ڪڏهن استعمال جي شين ۾ بي تڪلفي هوندي آهي جو هڪبئي کان ڪا شيءِ جيئن بائيڪ، قلم يا ڪال ڪرڻ جي لاءِ موبائل وغيره گهرڻ ۾ لڄ ناهي ٿيندي وغيره. انهن ڳالهين جو ڪوبہ فريق برو محسوس ناهي ڪندو. اسان جي بزرگان دين جي حالاتِ زندگي مان بہ مختلف قسم جي بي تڪلفي وارا واقعا ملن ٿا پر تمام گهٽ، البت انهن جي بي تڪلفي ۾ مسلمان کي تڪليف ڏيڻ، ان کي بيعزت ڪرڻ يا مالي طور نقصان رسائڻ شامل نہ هو.

## بي تڪلفي جا فائدا ۽ نقصان:

بي تڪلفي بنيادي طور تي زندگي کي خوبصورتي، رونق ۽ اميد ڏيندي آهي تہ ڪو آهي جنهن سان پنهنجي دل جي ڳالهہ ڪري سگهان ٿو، پنهنجو غم ۽ خوشي ان کان شيئر ڪري سگهان ٿو، ان جي شيءِ بنا موڪل جي استعمال ڪري سگهان ٿو، ضرورت پوڻ تي ان کان پيسا وٺڻ ۾ شرم محسوس نہ ٿيندو. پر ضروري آهي تہ اهي سيئي ڪم شريعت جي دائري ۾ رهي ڪري ڪيا وڃن ۽ جنهن ڪم کان شريعت منع ڪري ڇڏي هاڻي اهو ڪم جائز نہ ٿيندو چاهي ان کي بي تڪلفي جي نالي سان ڪيو وڃي يا ڪنهن ٻي عنوان سان! هاڻي هيءَ بي تڪلفي دنيا ۽ آخرت ۾ نقصان ڏيندي چوتہ بي تڪلفي جي ڪري شرعي احڪام معطل ناهن ٿيندا جو هن ڳالهہ جي ڪُلي اجازت ڏني وڃي تہ اوهان بي تڪلفي جي نالي تي ڪنهن جو برو لقب رکي ڇڏيو ۽ ان کي ٿلهو، ڪارو، پيٽ وڏو وغيره چوڻ شروع ڪري ڇڏيو، اُن تي بدگماني ڪيو تہ هي خوف خدا ۾ روئڻ جو بهانو ڪري رهيو آهي، ان جي غيبت ڪيو، ان جا عيب ڪيو، ان تي بهتان هڻو تہ هن فلاڻي ماڻهو کان هيتري رشوت ورتي آهي، اُن کي گاريون ڏيو يا ان کان قرض وٺي واپس نہ ڪيو وغيره وغيره.

## وچٿري راهہ اختيار ڪيو:

حضرت سيّدنا يونس بن عبدُالاعلي بيان ڪن ٿا تہ حضرت سيّدنا امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: يونس! ماڻهن کان بي رخي اختيار ڪرڻ عداوت پيدا ڪندو آهي ۽ انهن کان بي تڪلف ٿي وڃڻ تمام برو همنشين بڻائڻ جوڳو آهي تنهنڪري دوري ۽ بي تڪلفي جي وچ ۾ رهجو.

(حلية الاولياء،130/9، رقم:13361)

بي تڪلفي جي باري ۾ 5 اهم ڳالهيون: (1) بي تڪلفي جو تعلق قائم

ڪرڻ ڪان پهريان هزار ڀيرا سوچي وٺو، ڇوته بعد ۾ اُن کي ختم ڪرڻ آسان ناهي هوندو. انسان جو موڊ متجندو رهي ٿو جيڪڏهن ڪالهه اوهان جو ذهن ٻڌجي به ويو ته هاڻي ان شخص ڪان بي تڪلف ناهي ٿيڻو پر ضروري ناهي ته ان جو به اهو ئي ذهن ٻڌجي وڃي، پوءِ هُو اهڙو ”ڪمبل“ ٻڌجي ويندو جنهن کي اوهان ته ڇڏڻ چاهيندؤ پر هو اوهان کي نه ڇڏيندو. (2) بي تڪلفي جي ڪري شريعت ۾ جيڪي رعايتون ڏنيون ويون آهن انهن جي هڪ حد مقرر آهي پوءِ انهن کي پاڻ تي نافذ ڪرڻ ۾ نهايت احتياط درڪار آهي ڇوته انهن جو تعلق غوروفڪر سان آهي، ايئن نه ٿئي جو اوهان ان ڪم کي پنهنجي لاءِ جائز سمجهو پر جائز نه هجي! مان ته اوهان کي مشورو ڏيندس ته پاڻ رسڪ کڻڻ بدران اهل سنت جي ڪنهن ماهر مفتي ڪان مسئلو پڇي وٺڻ گهرجي ته فلاڻي ڪان منهنجي بي تڪلفي آهي ڇا اسان جو پاڻ ۾ هي هي معاملو ڪرڻ جائز آهي يا نه؟ پوءِ جيڪا رهنمائي ملي اُن مطابق عمل ڪيو (3) بي تڪلفي لائف ٽائم ناهي هوندي جو هڪ ڀيرو ڪنهن ڪان بي تڪلفي قائم ٿي وئي ته هاڻي هي تعلق سڄي زندگي هلندو ڇوته ضروري ناهي جو اُهي ڳالهيون جيڪي اڄ اسان کي سٺيون لڳن ٿيون ڪالهه عمر وڌڻ، اسٽيٽس تبديل ٿيڻ يا مزاج متجڻ ڪان بعد

به چڱيون لڳن، خاص ڪري جڏهن ڪنهن دوست ڪان ڍگهي عرصي ڪان بعد ملاقات ٿي ته فوراً بي تڪلفي جي اظهار ڪان محتاط رهو، ڇوته سامهون ڪان ناگواري ظاهر ٿيڻ تي شرمنده ٿيڻو پئجي سگهي ٿو.

(4) بي تڪلفي پنهنجي هم عمر ماڻهن سان هجڻ گهرجي. جنهن سبب ڪنهن جي عزت ۽ وقار تي حرف نه اچي، ٺٺوليون ڪري نه ڪري، تنهنڪري پارن، شاگردن ۽ ماتحتن ڪان گهڻو بي تڪلف ٿيڻ ڪان احتياط ڪيو. فتاويٰ رضويه ۾ آهي: (انبن وغيره جي) صرف کلن سان هم عمر ماڻهو ڪڏهن ڪڏهن محض دل خوش ڪرڻ جي لاءِ هڪٻئي سان دوستي طور مزاح ڪن جنهن ۾ ڪنهن جي به حُرمت ۽ عزت تي حرف نه اچي ته مباح آهي. (5) نا محرم مرد ۽ عورت(مثلاً ڏير ڀاڄائي، ڪلاس فيلوز) جي پاڻ ۾ بي تڪلفي جي ڪا گنجائش ناهي. هن ڪان بچڻ ئي گهرجي.

## هنن ڪمن ڪان پرهيز ڪرڻ گهرجي:

بي تڪلفي هرڪنهن کي چڱي ناهي لڳندي بعض صورتن ۾ انسان گنهگار به ٿي سگهي ٿو، ان ڪري انهن ڪمن ڪان پرهيز ڪيو: (1) ڪنهن جي چيلهه يا ڪياڙي تي اوچتو ٿڦ هڻڻ مفتي احمديارخان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا: ڪنهن ڪان اهڙي دل لڳي يا کل ڀوڳ ڪرڻ جنهن سان

ان کي تکليف پهچي مثال طور کنهن کي بيوقوف بڻائڻ ان کي چمات هڻڻ وغيره حرام آهي. (مرأة المناجيح، 127/5)

(2) ٻانهن چيپاتي چيلهه سان لڳائڻ (3) کا شيءِ کٽي هڻڻ(جيڪڏهن اک يا جسم جي نازک حصي تي لڳي وڃي ته مصيبت اچي ويندي آهي) (4) ويهڻ واري جي هيٺان ڪرسي ڇڪي وٺڻ، (5) اجا ڪو چڱي طرح وينو ئي نه هو ته يڪدم بائيڪ هلائڻ (6) هلندڙ بائيڪ کي اوچتو اسپيڊ ڏيڻ جنهن سبب وينل جا هوش خطا ٿي وڃن. (7) اسڪول ڪاليج ۾ سال جي پهرين ڏينهن يا آخري ڏينهن ڪپڙن تي مس اڇلڻ. (8) منع ڪرڻ باوجود زبردستي ان جي کيسي مان پيسا ڪڍڻ. (9) نهر، درياء يا سمنڊ ۾ زوري ڏکو ڏيڻ يا پڪڙي ڇڪڻ ته اسان وهنجون ٿا اوهان به وهنجو (10) اها خبر آهي به ته ان کي برو لڳندو ان جي باوجود ڪنهن جي سامهون اسپيشل شيءِ مثلاً آئس ڪريم يا فروٽ چاٽ يا پيزا وغيره کٽي وٺڻ (11) ستل کي جاڳائڻ جي لاءِ ڇهري تي ٿڦ هڻڻ يا اوچتو لحاف يا چادر ڇڪي وٺڻ(ڇوته بعض اوقات ڪپڙو هيٺ مٿي ٿيل هوندو آهي جنهن سان بي پردگي ٿي رهي هوندي آهي) (12) ان جي ڪمري ۾ بنا اجازت داخل ٿي وڃڻ (13) ٻاهران دروازو لاڪ ڪري ڪنهن کي ڪمري يا واش روم ۾ بند ڪري ڇڏڻ (14)

مصافحو(هٿ ملائڻ) ۾ يڪدم ايترو زور سان دٻائڻ جو رڙيون نڪري وڃن ۽ ان تي وري ٺهڪ ڏيڻ. (15) ڀاڪر پائڻ وقت ايترو زور سان دٻائڻ جو همراهه جي جان هلي وڃي، ڪيئي سال پهريان هيڊپنجند(جنوبي پنجاب) جي اسڪول ماسٽر سان اهڙي طرح جو واقعو پيش آيو جو ڪنهن ان کي عيد ملڻ دوران ايترو زور سان دٻايو جو ويچارو بيهوش ٿي زمين تي ڪِري پيو پوءِ اُن کي اسپتال آندو ويو، جتي ان کي وڏي مشڪل سان هوش ۾ آندو ويو (16) ڪائيندي پيئندي وقت ٽوڪڻ ته هاٿي بس به ڪر جانورن جيان ڪائندو وتين ٿو. (17) ان کي سيني جي سامهون جهٽڪڻ، بي عزتي ڪرڻ ته هي ناراض نه ٿيندو. (18) ان جي گهريلو معاملن ۾ دخل ڏيڻ (19) ڪنهن جي موبائل ۾ ڏسڻ، ان جو واٽس ۽ ميسيج ڏسڻ، ان جي گهر جون تصويرون، ويڊيوز وغيره ڏسڻ (بلڪ ڪنهن کي به پنهنجي موبائل ۾ گهر جي عورتن جون تصويرون يا ويڊيوز رکڻ ئي نه گهرجن) (20) پردي جو لحاظ ختم ڪري اهل خانه جي وچ ۾ اچي ويهڻ. (21) ان جي اهم شيءِ چابي يا موبائل وغيره لڪائي ڇڏڻ ۽ ان کي پريشان ڪرڻ (22) مهمان بڻجي خوامخواهه جون مهانگيون فرمائشون ڪرڻ (23) هر ننڍي وڏي ڪم جي لاءِ ان جي بائيڪ وغيره استعمال ڪرڻ، عافيت انهيءَ ۾ آهي ته ٻانهو پنهنجي شيءِ

استعمال ڪري ويجهي دوست جون شيون بہ بنا اجازت استعمال نہ ڪري ڇوتہ ڪيئي بي تڪلف دوستن ۾ بہ بعض دفعا مسئلا پيدا ٿي ويندا آهن مثلاً جيڪڏهن ڪنهن دوست جي موٽر سائيڪل پنڪچر ڪري آيو يا ايڪسيڊنٽ ۾ ڪجھ نقصان ڪري ڇڏيو تہ هاڻي جنهن جو نقصان ٿيو اهو خوشي مان جھومندو نہ بلڪ ٿي سگهي ٿو تہ هو طنز ڪري پنهنجي ڪاوڙ جو اظهار ڪري تہ توکي صحيح هلائڻ نٿي اچي، سڄو پيٽرول ختم ڪري ڇڏي، بريڪ خراب ڪري ڇڏي وغيره (24) بلا اجازت تصوير يا ويڊيو ناهڻ خاص ڪري جڏهن هو جيئن تيئن وينو هجين.

الله پاڪ اسان کي هر ڪم شريعت جي مطابق ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيۡن بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِيۡن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم



# هٿ ونڊائڻ

مولانا حيدر علي مدني

چوٿو! چا اوهان صوفي تان اٿي ڪري اسان جو هٿ ونڊائي سگهو ٿا؟ وڏيءَ ڀيڻ سلاد جي پليٽ کڻندي دسترخوان ڏانهن ويندي چوٿوءَ کي چوڻ لڳي جيڪو پنهنجي سئوٽ ”غلام مجتبيٰ“ سان گڏ مدني چينل تي هلندڙ سلسلو ”غلام رسول جا مدني گل“ ڏسي رهيو هو.

اصل ۾ اَڄُ آچر جي موڪل جو فائدو کڻندي چوٿو جا تمام سئوٽ، ماروت سندس گهر ۾ جمع ٿيل هئا جنهن سبب چوٿو جو گهر، گهر کان وڌيڪ نرسري هوم پئي نظر آيو.

والده وڏي ڀيڻ سان ملي ڪري سيني ٻارن جي لاءِ لنچ تيار ڪري ورتو هو، چوٿو هيترا سڏ ٻڌڻ جي باوجود هٿ ونڊائڻ جي لاءِ تيار نہ ٿيو تہ سندس ڀيڻ پنهنجي سئوٽن سان گڏ دسترخوان وڇائڻ لڳي. ۽ وري والده سيني ٻارن کي سڏي چيو: هلو ٻارو! هٽ منهن ڌوئي دسترخوان تي اچو، کاڌو تيار آهي.

چوٿو جيڪو ڀيڻ جي ايترو سڏڻ باوجود نہ پئي آيو،

کاڌي جو ٻڌي هڪ ئي آواز تي دسترخوان تي اچي پهتو. هاءِ اڄ تہ ميڪروني تيار ٿيل آهي! ڀيڻ جواب ڏنو: جي ها ۽ مون ئي ٺاهي آهي تنهنڪري کاڌي جي دوران منهنجون تعريفون ڪرڻ ۽ کاڌي کان بعد منهنجو شڪريو ادا ڪرڻ نہ ويسارجانءِ ادا!. وڏي ڀيڻ اهڙي چيڙائڻ واري لهجي ۾ چيو جو چوٿوءَ جي دل پئي چاهيو تہ بغير کائڻ جي ئي دسترخوان تان اٿي هليو وڃي پر ميڪروني جي خوشبو ان کي ويهاري رکيو. خير

سيني ٻارن سان گڏوگڏ ڏاڏي امان بہ دسترخوان تي اچي ويٺي تہ انهن جي ئي حڪم تي ”غلام مجتبيٰ“ کاڌي جي دعا پڙهائي بِسۡمِ اللّٰهِ وَ عَلٰی بَرَکَةِ اللّٰهِ ط (ترجمو: الله پاڪ جي نالي سان ۽ الله پاڪ جي برڪت تي(کاوان ٿو).

ڪاڏو شروع ٿيو ته ٿوري دير ڪان پوءِ وڏي ڀيڻ چوڻ لڳي: ڏاڏي امان ڪجهه ماٽهن کي ڪم جو چيو وڃي ته ڪَکُ پيجي ٻيٽو ناهن ڪندا پر جڏهن ڪاڏي جي لاءِ سڏيو وڃي ته سڀ ڪان اڳ ۾ دسترخوان تي اچي ويهندا آهن.

ڀيڻ جي ڳالهه تي امڙ سائڻ ۽ ڏاڏي امان ٻئي مسڪرائڻ لڳيون جڏهن ته چوٿو چوڻ لڳو: وڏا ماٽهو ڪم ناهن ڪندا.

اوهان ڪڏهن ڪان وڏا تي ويا جناب عالي؟ وڏي ڀيڻ يڪدم اعتراض ڪيو. عائشه آپي جيڪا اجان تائين خاموش هئي، چوڻ لڳي ڏاڏي امان! ڇا واقعي وڏا ماٽهو ڪم ناهن ڪندا؟

نه پٽ! اهڙي ڳالهه ناهي. ڏاڏي امان ڳالهه کي اڳتي وڌائيندي چيو: اسان جي پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪان وڏو ڪو انسان تي سگهي ٿو؟ سيني چيو نه! ڏاڏيءَ چيو: پر توهان کي خبر آهي! سندن عادت مبارڪ ڪهڙي هئي؟ ڏاڏي امان جي جواب تي غلام مجتبيٰ يڪدم جواب ڏنو: ڏاڏي امان مون مدني چينل تي ٻڌو هو ته اسان جي پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم گهر جي ڪم ڪار ۾ گهر وارن جي مدد ڪندا هئا.

(بخاری، 241/1، حديث: 676)

جي ائين ئي هو پٽ! پر مان اڄ توهان سيني کي پياري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو هڪ واقعو ٻڌايان ٿي: ”حضرت بيبي حليمه رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ننڍپڻ جي باري ۾ ٻڌائي ٿي ته پيارا آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ ڏينهن مون کي چوڻ لڳا: امڙ سائڻ منهنجو ڀيڻ ۽ ڀاءُ سڄو ڏينهن نظر نٿا اچن، هي صبح جو اٿي ڪاڏي هليا ويندا آهن؟ مون چيو: اهي ٻڪريون چارڻ ويندا آهن. اهو ٻڌي پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: امڙ سائڻ! مون کي به منهنجي ڀيڻ ڀاءُ سان گڏ چراگاهه وڃڻ جي اجازت ڏيو.“ ۽ وري اجازت ملڻ تي ٻنهي جهانن جا سردار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم روزانو باقي ٻارن سان گڏ ٻڪريون چارڻ هليو ويندا هئا.

(مدارج النبوة، 2 / 21ماخوذاً)

ته پيارا ٻارو اسان جا پيارا نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ننڍپڻ ۾ به پنهنجي گهر وارن جو هٿ ونڊائيندا هئا ۽ اسان کي انهن جي ئي پيروي ڪرڻ گهرجي. ڪاڌو ختم تي چڪو هو، غلام مجتبيٰ جي دعا پڙهائڻ ڪان بعد ٿانوَ سميٽڻ ۾ چوٿو سڀ ڪان اڳيرو پئي نظر آيو.

**نوٽ:** پيارا ٻارو! اسان جي پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ڪو به سڳو ڀاءُ يا ڀيڻ نه هئي پر بيبي حليمه رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ننڍپڻ ۾ کير پياريو هو ان ڪري حضرت حليمه رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا جا ٻار پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ٿڃ جي رشتي ۾ ڀيڻ ڀاءُ هئا. انڪري سندن پڇيو هو ته منهنجا ڀيڻ ڀاءُ ڪاڏي ويندا آهن؟

# جمادي الأُخرٰي

# جا ڪجهه اهم واقعات

پهرين جمادي الأُخرٰي 1102ھ يومِ وصال سلطانُ العارفين، حضرت سخي سلطان باهو سروري قادري رَحمةُ اللهِ عَلَيه وڌيڪ معلومات جي لاءِ ماهنامہ فيضانِ مدينہ جمادي الأُخرٰي 1438ھ ۽ المدينۃُ العلميہ جو رسالو ”فيضانِ سلطان باهو“ پڙهندا.

5 جمادي الأُخرٰي 672ھ يومِ عرس صوفيِ با صفا، حضرت مولانا جلالُ الدّين محمد بن محمد رومي رَحمةُ اللهِ عَلَيه وڌيڪ معلومات جي لاءِ ماهنامہ فيضانِ مدينہ جمادي الأُخرٰي 1438 ۽ 1439ھ پڙهندا.

7 جمادي الأُخرٰي 1403ھ يومِ وصال حضرت علّامہ مولانا مصلحُ الدّين صديقي قادري رَحمةُ اللهِ عَلَيه وڌيڪ معلومات جي لاءِ ماهنامہ فيضانِ مدينہ جمادي الأُخرٰي 1439ھ پڙهندا.

8 جمادي الأُخرٰي 4ھ يومِ وصال صحابيءِ رسول، حضرت سيّدنا ابو سَلَمَہ عبدُ الله بن عبدُ الاسد رَضِيَ اللهُ عَنه وڌيڪ معلومات جي لاءِ ماهنامہ فيضانِ مدينہ جمادي الأُخرٰي 1438 ۽ 1439ھ پڙهندا.

9 جمادي الأُخرٰي544ھ يومِ وصال امامِ حضرت علّامہ قاضي عياض مالڪي رَحمةُ اللهِ عَلَيه وڌيڪ معلومات جي لاءِ ماهنامہ فيضانِ مدينہ جمادي الأُخرٰي 1438ھ پڙهندا.

14 جمادي الأُخرٰي 189ھ يومِ وصال امامِ اعظم جا شاگرد، حضرت سيدنا امام محمد بن حسن شيباني رَحمةُ اللهِ عَلَيه وڌيڪ معلومات جي لاءِ ماهنامہ فيضانِ مدينہ جمادي الأُخرٰي 1439 ۽ 1440ھ پڙهندا.

14 جمادي الأُخرٰي 505ھ يومِ عرس حجةُ الاسلام، حضرت سيدنا امام محمد بن محمد غزالي رَحمةُ اللهِ عَلَيه وڌيڪ معلومات جي لاءِ ماهنامہ فيضانِ مدينہ جمادي الأُخرٰي 1438 ۽ 1439ھ ۽ المدينۃُ العلميہ جو رسالو ”فيضانِ امام غزالي“ پڙهندا.

19 جمادي الأُخرٰي 1382ھ يومِ وصال خليفهءِ اعلٰي حضرت، حضرت مولانا محمد ظفرُ الدّين رضوي بهاري رَحمةُ اللهِ عَلَيه وڌيڪ

معلومات جي لاءِ ماهنامہ فيضانِ مدينہ جمادي الاُخرٰي 1438ھ پڙهندا.

22 جمادي الاُخرٰي 13ھ يومِ عرس مسلمانن جا پهريان خليفا، حضرت سيدنا ابوبکر صديق رضی اللہ عنہ وڌيڪ معلومات جي لاءِ ماهنامہ فيضانِ مدينہ جمادي الاُخرٰي 1438 کان 1443ھ ۽ المدينۃُ العلميہ جو ڪتاب ”فيضانِ صديق اکبر“ پڙهندا.

24 جمادي الاُخرٰي 1375ھ يومِ وصال تاجُ العلماء، حضرت سيّد شاه اولادِ رسول محمد ميان مارهروي رحمۃُ اللہِ علیہ وڌيڪ معلومات جي لاءِ ماهنامہ فيضانِ مدينہ جمادي الاُخرٰي 1438ھ پڙهندا.

27 جمادي الاُخرٰي 1424ھ يومِ وصال شيخُ الحديث و التفسير حضرت علّامہ مفتي محمد عبدُ القيوم هزاروي رحمۃُ اللہِ علیہ وڌيڪ معلومات جي لاءِ ماهنامہ فيضانِ مدينہ جمادي الاُخرٰي 1438 ۽ جنوري 2022 پڙهندا.

جمادي الاُخرٰي 36ھ شهادت مبارڪ حضرت طلحہ بن عُبيد الله ۽ حضرت زبير بن عوام رضی اللہ عنہما وڌيڪ معلومات جي لاءِ المدينۃُ العلميہ جا هي ٻہ رسالا ”حضرت سيدنا طلحہ بن عُبيدُ الله“ ۽ ”حضرت سيدنا زُبير بن عَوّام“ پڙهندا.

الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

آمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّی اللہُ علیہِ واٰلہٖ وسلَّم

”ماهنامہ فيضانِ مدينہ“ جا شمارا دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net ۽ موبائل ايپليڪيشن تي موجود آهن.



## بدھضمي جو علاج

جنهن شخص کي بدھضمي جي شڪايت هجي ۽ اهو سورۃُ المُرسلٰت جي آيت نمبر 43 ۽ 44 پڙهي ڪري پنهنجي هٿ تي دم ڪري ان کي پنهنجي پيٽ تي مَلي ۽ ڪاڌي وغيره تي دم ڪري کائيندو ڪري اِنْ شَآءَاللّٰه! بدھضمي جي شڪايت ختم ٿي ويندي.

(فيضانِ سنّت،1/609، گهريلو علاج،ص 78)



## هر حاجت ۾ مراد پوري ٿيندي

هزار ڀيرا ” يَاشَيْخُ عَبْدَ الْقَادِرِ شَيْئًا لِلّٰهِ“ پڙهي اوّل آخر 10، 10 ڀيرا درود شريف پڙهي ڪري ساڄي هٿ تي دم ڪري ان کي ڳلَ جي هيٺان رکي سمهي پوي هرحاجت ۾ مُراد پوري ٿيندي. اِنْ شَآءَاللّٰه!

(مدنی پنج سورہ،ص232،کام کے اوراد،ص 4)



## قبر جي دٻائڻ کان حفاظت جو وظيفو

فرمانِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن مرضُ الموت ۾ سورۃُ الاخلاص جي تلاوت ڪئي اهو قبر جي فتني ۾ مبتلا نہ ٿيندو ۽ قبر جي دٻائڻ کان بہ محفوظ رهندو.

(معجم اوسط،4/222،حديث:5785)



## ڊينگي وائرس جو روحاني علاج

سورۃُ الرَّحمٰن (سيپارو 27) مريض کي پڙهي ڪري ٻڌائي وڃي تہ اهو تن ڏينهن ۾ اِنْ شَآءَاللّٰه! نيڪ ٿي ويندو.

# نئين سال جي موقعي تي ڇا ڪجي!

هن پرفتن دور ۾ الله پاڪ ۽ سندس پياري حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مسلسل نافرمانين جي سبب اسان مسلمان دين اسلام جي برڪتن، رحمتن ۽ الله پاڪ جي انيڪ نعمتن کان ڏينهن و ڏينهن محروم ٿيندا پيا وڃون.

پيارا مسلمان ڀائرو! نئين سال جي موقعي تي راڳ رنگ، ڳائڻ وڄائڻ ميوزڪ ڪنسرٽ، عياش پرستي، غلط فعل، آتش بازي فائرنگ ۽ گناهن جي مڙني قسمن کان پرهيز ڪري پنهنجي ربّ پاڪ جو شڪريو ادا ڪيو جنهن زندگي جي هڪ سال گهٽجڻ کان پوءِ وري هڪ نئين سال جو موقعو فراهم ڪيو آهي.

نئون عيسوي سال شروع ٿي چڪو آهي ❁ ان موقعي تي پنهنجي اعمال جو جائزو وٺڻ گهرجي مثال طور اسان غور ڪيون ته پوئين پيري جڏهن نئون سال شروع ٿيو هو، ان وقت کان وٺي ڪري هن وقت تائين اسان ڪيتريون نيڪيون ڪمائڻ ۾ ڪامياب ٿي سگهياسين؟ هاءِ! افسوس اعمالنامي ۾ ڪيترن گناهن جو اضافو ڪري ويناسين...! ❁ نئين سال جي موقعي تي اسان گناهن کان توبهه ڪيون ❁ نئون سال شروع ٿي چڪو آهي، نئين سال جي شروعات نيڪين سان ڪئي وڃي ❁ ذڪرُ الله سان ڪئي وڃي ❁ نعت خواني سان ڪئي وڃي ❁ سجدن سان ڪئي وڃي ❁ هي نئون سال ملي وڃڻ، زندگي جون ايتريون گهڙيون نصيب ٿي وڃڻ هي ٻه ته الله پاڪ جي نعمت آهي، ان جو شڪر ادا ڪيو وڃي ❁ نئين سال جا هدفَ ٺاهيا وڃن، مثال طور ❁ هن نئين سال ۾ هيتري تلاوت ڪندُس ❁ هيترا درود پاڪ پڙهندُس ❁ هيتريون نمازون پڙهندُس ❁ جيڪڏهن قضا نمازون آهن ته انهن کي جلد کان جلد ادا ڪري وٺڻ جي نيّت ڪئي وڃي ❁ رمضانُ المبارڪ اچڻ وارو آهي، اعتڪاف جي نيّت ڪئي وڃي ❁ هر مهيني قافلي ۾ سفر جي نيّت ڪئي وڃي ❁ نيڪ اعمال جو رسالو روزانو پابنديءَ سان ڀَرڻ جي نيّت ڪئي وڃي ❁ هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۽ هفتيوار مذاڪري ۾ پابندي سان شرڪت ڪرڻ جي نيّت ڪئي وڃي. اي ڪاش! اسان کي غفلت کان بيداري نصيب ٿي وڃي، الله پاڪ اسان سڀني کي نيڪ ٺڄڻ، نيڪيون ڪرڻ ۽ وقت جي قدر سمجهڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم